"جهوليلعل بيڙا ئي پار"

انڪ: ٣١ جنوري کان مارچ ٢٠٠٩

ڀڳت ڪنوررام صاحب ۽ شپ چيٽي چنڊ جو ساليانو پرچو





# ضيا

ضيا (ٽماهي)

اَدبي رسالو



شري پرسرام ضيا صاحب



اَمر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب

सूफ़ी सरताज



پوڄنيه ستگرو ڊاڪٽر روچلداس صاحب

(06-01-1880 to 10-12-1957)

## سھڻا سخن


... ڪوڙ نہ ٻولڻ، من کي موڙڻ، دان ڪندي ڳنڍ نہ ڳٽجي.

... بنا پڇڻ جي جواب ڏيڻ بيوقوفي آھي.

... جوانيءَ جي پرھيز ٻڍاپي ۾ ڪم ڏئي ٿي.

... غريبيءَ جي سڳنڌ گل کان بھتر آھي

... پرماتما جي سڪاياتڪار لاءِ سنجم جي تمام گھڻي ضرورت آھي.



گيتڪار : ماستر رانجهن

## ڪنوررام بابت
# گيت

(موڪليندڙ : موهن سُپٽر ماستر رانجهن)

آهين ياد سائين ڪنور قربدار
تون وئين تہ سنڌ بہ وئي، ۽ سنڌي ٿي ويا ڏار ڏار

١- ٻڌي چيڙ جامو ڪيئن نچندو هئين،
غريبن جا گهر ڪيئن پريندو هئين،
نالي الک جي ڪيئن ڏيندو هئين
ڏيڄ سان وري تون خوش ٿيندو هئين،
ڏيندڙ ڪير تن جي پيو لهندو سنڀار
آهين .......

ڪري ڏان دل سان تو دلير دلبر ڏيکاريو
گرو نانڪ جيئان سچو سودو سيکاريو
نولي سان مٺل تو ٻالڪ جيئاريو
لولن ۽ لنگڙن کي پير ۾ ويهاريو
تنهنجي در تي سوالي ڏٺا مون هزار
آهين .......

٣. سمجهہ ڏي تون سائين هي ميلا ملهايون،
ڪري شيوا جيون کي سڦلو بڻايون،
ڏکين لاءِ جيءَ ۾ کي جايون جوڙايون،
۽ اِنسانيت کي ڪڏهن نا ڀلايون،
’رانجهن‘ هن دنيا ۾ سڀ مطلب جا يار
آهين .......

## Amrit Vela Ashram

**A** Away from the crowds, away from all strife
**M** My Ashram beckons seekers of spiritual life
**R** Rest and be blessed by the peace of the place
**I** In solitude here seek the lord's loving grace
**T** The sun-kissed high hill tops meadows all green

**V** Vast the starry canopy with the moon's silvery sheer
**E** Early in the morning the breeze buzzing come
**L** Like angels who awaken us with a holy hum
**A** And even as we rise the bells ringing chime

**A** A voice of true devotion chants hymns sweet sublime
**S** So mingled in the air is the spirit of devotion
**H** How calm the moments, move in simple adoration
**R** Retreat for sober seekers, for little ones a joy
**A** As plays of saints and heroes they verify enjoy
**M** May the ashram's workers with thought and words so sweet for the umpteen years inspire all at this great retreat

## Holy Mission of Guru Nanak
## Amrit Vela Ashram

*Founder :* **Rev. Dada Ishwar R. Balani**

Pune-Mumbai Highway (Near Raj Machhi Po
Khandala 410301 (Maharashtra)India

Tel.(02114) 269303
Mob: 98221 11710
Email: khandala@holymission.org.uk




Set in the midst of tranquil beauty, the Ashram is an ideal spiritual sanctuary where the body, mind and soul find perfect harmony with nature.

We invite you to pay a [redacted] to this heavenly abode and experience for yourself the joys of this beautiful place.

جنهنجي هٽ ۾ ڪوئي بک مري سوکي۔

# پرم پوڄنيه ستگرو ڊاڪٽر روچلداس صاحب جي جنم ڏڻ جي خوشيءَ ۾

- پرسرام ''ضيا''

ٿلهه - جيءُ آيو، نچ آيو جوڳي، جڳه کي تارڻ آيو،
جڳياسن جو سير مان ٻيڙو پار اُڪارڻ آيو.

۱ - روهڙي شهر ۾ جنم لڌائين، روچل نانءُ ڌرايو،
سيني جو پلو منائڻ، اڳم ديس کان آيو،
راهه کان جيڪي ڀٽڪيل، تن کي دڳه ڏيکارڻ آيو. جيءُ آيو...

۲ - ڪرشڻ بڻجي ڪٿ گيتا وارو، سڀ کي گيان ھڏائي،
رام بڻي ڪٿ نياءُ ۽ نيتي، مريادا سمجهائي،
گوتم ٻڌ ۽ عيسيٰ بڻجي، جڳه کي تارڻ آيو. جيءُ آيو...

۳ - قطب شاهه جي ميخاني جو ساقي سچڻ بڻيو آ،
رندن کي ۽ مستن کي سو، پيرُ مغان وڻيو آ،
پياس وارن کي پريم جا پيالا، پاڻ پيارڻ آيو. جيءُ آيو...

۴ - اڻ هوندي سنسار ۾ ڪيئي وير پون ٿا ڦاسي،
اڇڻ وڃڻ ۽ جمڻ مرڻ جي ڀوڳين ٿا چوراسي،
جن کان وسري آدي اوسٿا، تن کي ياد ڏيارڻ آيو. جيءُ آيو...

۵ - ديهه کان دور رهن ٿا جيڪي، پنڌ کان ڪن ٿا پاسو،
تن جوڳيئڙن تن ساميئڙن جو اگم ديس ۾ واسو،
سو ڪيمتا جو سورج بڻجي، اوندهه تارڻ آيو. جيءُ آيو...

۶ - گلن قلن کي جي تو پائين، ڪنڊن کي نه ٻلائي،
سڀ سان ساڳيو پيار ۽ ساري باغ جو خير منائي،
جنڪ جيان سيلاني بڻجي، سڄ جي ڪارڻ آيو. جيءُ آيو...

۷ - ساقيءَ جي اکڙين ۾ آهن، شايد دنگه سمايا،
جن تي پنهنجي نظر ڪيائين، نشا انهن تي ڇايا،
بيهوشيءَ ۾ هوش سچي جي جاڻ ڏيارڻ آيو. جيءُ آيو...

۸ - ڏن ڏن روچل شاهه دلارو، دعا دوا جو سائين،
ڪوئي نه خالي موٽي، در تان 'ضيا' آهي سڀڪا جو سائين،
جڳه جڳه جيئندو، جو جڏڙن کي آهي جيارڻ آيو. جيءُ آيو...

---

**سچه ڳالهائڻ به ڪلجڳ ۾ تپسيا برابر آهي.**

## About the Ashram

Set in the midst of tranquil beauty, the Ashram is an ideal spiritual sanctuary where the body. mind and soul find perfect harmony with nature.

we invite you to pay a visit to this heavenly abode and experience for yourself the joys of the place, the cool bracing climate, simple wholesome food and a feeling of extreme physical and mental well-being.

Khandala is situated at a height of 2000 ft on the main Pune-Mumbai Highway, about 92 kilometers from Mumbai and 70 kilometers from Pune. It is approximately 15 minutes walking distance from Khandala railway station and very near to the well known Rajmachhi Point.

There are no rigid rules or regulations to mar the enjoyment of a visitor except observance of some basic principles as, are deemed necessary in any place of worship.

The resident devotees are responsible for the running of the Ashram and will ensure that your stay here is a truly enjoyable experience.

## Gur Mandir

The construction of the new Mandir was recently completed by the Grace of God. With the installation of supremely beautiful murtis of Divine Deities, the Mandir has become the focal point of the Ashram.

We would like to express our full-hearted gratitude to the most generous donations from many devotees, whose support enabled us to undertake this monumental work.

The visitors will be able to enjoy the nectarian Hari Kirtan even more now in the peaceful and scenic surroundings of the new Mandir. It is our fervent prayer that the beautiful Mandir will stand as an inspiration and become a place of pilgrimage for all.

## Activities

Attempts are made to create awareness for our rich spiritual, moral and cultural values, especially among the younger members of Sindhi community. The main activity is centered round the daily Kirtan in the temple in the early hours of the morning and in the evening. Although morning Kirtan is conducive to spiritual progress and is encouraged, no one is compelled to attend it. Daily attendance on time is, however, compulsory for evening worship.

Visiting friends are often seen happily lending a hand with small jobs in the day to day running of the Ashram. For others, there are the joys of relaxation, study, meditation or long walks.

## General Information

The Ashram is set on a plot of land measuring about 5000 sq. yds. There are now two residential buildings with a total number of 38 self-contained rooms , a full-fledged kitchen and dining area, children's games park and open ground with amenities to relax.

On the beautiful ground in front of the buildings, there are exquisitely beautiful marble murtis of Jhoolaylal Saaee, Bhagat Kanwar Ram Sahib, Bajrang Bali and Lord Shiva. In the second building, the walls of Tulsiani Hall are adorned with portraits and paintings of great saints, revolutionaries and reformers where cultural and devotional gatherings are held from time to time, helping in the appreciation of our own rich heritage in its fullness and vitality.

The donation payable for food and accommodation is quite low considering the overall amenities and the quality of service given. Naturally, we are keen that the benefits of this place are enjoyed by the larger number of people possible. Any deficit or shortfall is met from voluntary contributions. The lure of Ashram attracts not only people from India but also other parts of the world.

پاپڙ ويلڻ پيا کم کڏهن ٿيا؟

*With Best Compliments From :*



سنڌي پڙهو لکو ۽
گهر ۾ ٻارن سان
سنڌيءَ ۾
ڳالهايو

آتم وشواس
وڌايو ۽
سڀ ڪجهه
حاصل ڪريو

پيار ڪان وڌيڪ ڪا شڪتي نہ آهي، پيار سان اِنسان ڀڳوان آهي.

**(O) : 2532 36 73**
**(R) : 2531 07 27**
**M : 9321020604**

# SHYAM J. BATHEJA

B.A. (Hons), LL.B.

**Advocate High Court**

پيارو شيام ٻٽيجا ٿاڻي جو بهترين ناميارو وڪيل ليکيو وڃي ٿو. سندس ڪيترين سماجڪ، ساهتيڪ ۽ نشڪام شيوائون ڪندڙ سنستائن سان ناتو جڙيل آهي. سندس ١٢ مارچ تي جنم ڏِن آهي. ضيا پريوار طرفان ڪيس بيشمار مبارڪون هجن.

*

محنت سان ڪاميابي هٿ ڪري سگهجي ٿي.

Office : Shop No. 12, Jeevan Dharma Co-op. Soc. Ltd.,
Thane (E) - 400 603.
Resi. : 5/75, Daulat Nagar Co-op. Housing Society Ltd.,
Thane (E) - 400 603.

**Office Timing : 9.00 a.m. to 11.00 a.m.**
**6.00 p:m. to 8.00 p.m.**

ساليانو پرچو - امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب
۽ ''شپ چيٽي چنڊ'' جهڪ يادگار آنڪ''

# ضيا (ٽماهي) آدبي رسالو

آنڪ : ۳۱
جنوري کان مارچ ۲۰۰۹

| | |
|---|---|
| لائيف ميمبر شپ - | 500/- |
| ۵ سال چندو - | 300/- |
| ساليانو چندو - | 80/- |
| هي انڪ - | 25/- |

- : سمپادڪ : -
نارائڻ پرسرام ضيا
سچانندڻي ''ناچيز''


## صلاحڪار منڊل

۱. شري گوپ چندر (نيويارڪ)
۲. ايسر ڪلياڻي (ناگپور)
۳. شري شيام سچانندڻي (ناگپور)
۴. شري روچيرام ٿانوڻي (ناگپور)
۵. شري ڪشن هيمراجاڻي (ممبئي)
۶. شري لڇمڻداس ڀمياڻي (ممبئي)
۷. شري ٽي. ايم. ڪيولراماڻي (شانتاڪروز، ممبئي)
۸ - قانوني صلاحڪار ۽ وڪيل شري چندر رائسنگهاڻي، سنڌونگر

- سنڌونگر -
۹ - دادي مينا روپچنداڻي
۱۰ - شري آرجن ماڻا (وڪيل)
۱۱ - شري بسنتراء اوٽواڻي (وڪيل)
۱۲ - شريمتي ديا لکي جشناڻي
۱۳ - شريمتي آروٽا بيدي
۱۴ - شري هريش روپاڻي
۱۵ - شري هري چوئٿاڻي

- : مالڪ ۽ پرڪاشڪ - نارائڻ پرسرام ضيا
Mob. : 9324508838
ضيا ساهتيه مالها، ٻئرڪ نمبر ۱۰۸۵،
پرسرام ضيا روڊ، او.ٽي.، اُلهاسنگر- 421 003. Tel. - 2549027
Published by:
ZIA SAHITYA MALA
Bk. No. 1085, Parsram Zia Road, O.T. Section,
Ulhasnagar - 421 003.

Computer D.T.P. by : INDIA GRAPHICS
Opp. Santu Building, Station Road, Ulhasnagar-421 003. Tel. : (R) 2551888
Printed by : Anita Printing Press, Ulhasnagar-3 Mob. : 9322970055







## گايتري مهامنتر

### اوم

يُورِ ڀُوَهَ سُوَهَ تَتِ سَوِيتُرِ وَرِ يٽِيَم ڀَرِ گوديوَ سِيہَ
ڌِيِ مَهِي ڌِيو يونَهَہ ڀِرَ چون دياتِ

### آڪري ارٿ

اوم = هر وقت رکشا ڪندڙ- يُورِ = پرانن کان پيارو - ڀُوَهَ = دکہ دُور ڪرڻ وارو - سُوَهَ = آنند سروپ داتا - تَتِ سَوِيتُرِ = ساري جڳت جو اُپائڻهار پرماتما - وَريٽِيم = سڀ کان اُتم پرميشور - ڀَرِگو = شڌ سروپ - ديوَ سِيہ = ساري وشو جو پرڪاش ڪندڙ پرماتما - ڌِيِ مَهِي = ايشور کي ڏاڍي پريم ۽ ڀڳتيءَ سان پنهنجن ردن ۾ ڌاري سدائين هن جي اُپاسنا ڪريون - ڌِيويونَهَ = اسانجي مَتين ۽ بڌين کي - ڀِرَچودياتِ = مندن ڪمن کان هٽائي چڱن ڪمن ۾ لائي


### ڀاوُ ارٿ

هيِ رکشڪ، پرانن کان بہ پيارا پرميشور ڪندڙ، آنند سروپ داتا، ساري جڳت جو پرماتما، سڀ کان اُتم پرميشور، شڌ سروپ ساري وشو جي پرڪاش ڪندڙ پرماتما کي ڏ پريم ۽ ڀڳتيءَ سان پنهنجن رِدَن ۾ ڌار سدائين هن جي اُپاسنا ڪريون. اسانجي متين ۽ بڌين کي مندن ڪمن کان هٽائي چڱن ڪمن ۾ لائي





ڊاڪٽر رام پرسرام بٺيجا، انڊين، ڊاڪٽر امبيڊڪر نگر، چوپڙا ڪورٽ، سنڌونگر-3. فون



# ”سڪ پري شرڌانجلي“

اسانکي بيحد گهڻو ڏک آهي جو هندو ڌرم جو شيدائي مهان ناٽڪ نويس ساهتيڪار هدايتڪار پيارو هرولعل مينهونمل راڄپال پنهنجو سنساري سفر پورو ڪري ۲۰۰۹-۱-۵ تي پرلوڪ پڌاريو. سندن جنم سنڌ ۾ باڍه شهر ضمع لاڙڪاڻو ۾ ۱۶ آگسٽ ۱۹۳۰ ۾ ٿيو. هن صاحب پنهنجي بهترين اداڪاريءَ هيئن خوب شيوا ڪئي. اُهو سلسلو چالو رکڻ لاءِ پنهنجي پريوار ۾ دلچسپي وٺڻ لاءِ اُمنگ ۽ جاڳرتي پئدا ڪئي. سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ هن صاحب خوب پاڻ پتوڙيو. سنڌي سماج ۾ بهترين ڪاريه ڪندڙن مهان ڪرانتيڪاري جيون هيئن شهيد ٿيل جذباتي آتمائن جي ياد تازي رکڻ لاءِ انهن جا پتلا ميونسپل طرفان روڊن ۽ مکيه جڳهين تي لڳائڻ لاءِ خوب جفاڪشي ڪئي. هر سال چيٽي چنڊ جي شبِ ڏينهن لاءِ دسهڙا ميدان، سنڌونگر-۵ ۾ ميلا لڳائيندا هئا، جنهن ۾ سندن پريوار ۽ ٻيا شيواڌاري خوب ساٿ ڏيندا هئا. سنڌي سماج ۾ مهان ڪاريه ڪندڙن جي ياد تازي رکڻ لاءِ انهن جا فوٽا تصويرون ڪافي وڏن سنتن مهاتمائن شيواڌارين ليکڪن شاعرن ساهتيڪارن انهن جي ياد تازي رکڻ لاءِ ڪٺا ڪندا هئا. سنڌي اخبارون رسالا ڪتاب سنڌونگر ۽ ڀارت جي ٻين جدا-جدا شهرن مان شايع ٿيندڙ ڪٺا ڪري انهن کي ايگزيبيشن جي روپ ۾ اسٽال لڳائي عام جنتا ۾ اُمنگ پئدا ڪرڻ لاءِ رکندا هئا. اِهو سندن جڻ خاص خاص شؤنق هئي. اِهو ڏسندي سڀ ڪيس خوب داد ڏيندا هئا. اسٽيج تي منورنجن جا پروگرام رکندا هئا. اهو سمورو ڪاريه ٻنان ڪنهن سوارٿ جي نشڪام ڪندا هئا. سندن گهر پرسان مندر ٺهرايل هون جتي هو خاص پروگرام رٿي ٻين پريوارن کي گهرائي سنڌيت زندهه رکڻ لاءِ خوب پتوريندا هئا، ميلا مچائيندا هئا. سندن پروار جو ڪين هر طرح ساٿ ملندو هو. ضيا پريوار سان سندن خاص پيار ڀريو ناتو جُڙيل هو. سندن ياد ۾ رکيل شرڌانجلي جا پروگرام شوڪ سڀا جا رٿيل هئا، جن جي سمالوچنا سنڌونگر مان شايع ٿيندڙ سيني اخبارن ڇاپي خوب نباهيو هو. اسين سندن نشڪام ڪيل شيوا لاءِ ڪيس ياد ڪندي مستڪ جهُڪائي پربهوءَ در پرارٿنا ڪريون ٿا. سرڳواسيءَ جي آتما کي شانتي پراپت ٿئي ۽ سندن پريوار کي هن اتينت وڇوري جو ڏک سهڻ لاءِ همٿ بخشي. سندن ٻن سپترن رمڻ راڄپال ۽ سنڌو راڄپال سندن ڪاريه کي چالو رکڻ لاءِ هر طرح يتن ڪندي سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ شيوا ڪندا رهندا اِهو اسانکي وشواس آهي.

انسان روپ ۾ اوتار ڪڏهن رواجي ماڻهوءَ وانگر الين وهنوار ڪندو آهي جڻ تہ ڪيس ڪاب ڄاڻ نہ آهي. انڪري ڀڳت مُنجهي پوندا آهن، ”هي تہ اسان جهڙو ئي لو لڳي. هي ڀڳوان ڪيئن هوندو؟“ ماڻهو هن جي انساني وهنوار ڏانهن ڌيان ڏيندا آهن ۽ ديوتا وساري ڇڏيندا آهن.

ضيا پريوار طرفان

# ”سمرپڻ“

## ضيا(ٽماهي) ادبي رسالي جو هيءَ اَنڪ
## گهڻي سڪ ۽ سنيهه سان

## اوچ ڪوٽيءَ جو مهان ساهتيڪار/ناٽڪ نويس سدا حيات
## سنڌيت جو شيدائي محبوب دادا

# هرولعل راجپال صاحب

## کي سمرپڻ ٿا ڪريون !

جنهن پنهنجي سڄي جيون هندو ڌرم جي رکپالي، بنا سوارٿ نشڪام شيوا سان ڪئي. سنڌونگرواسي، ويجهڙائيءَ ۾ هيءَ صاحب پنهنجو سنساري سفر پورو ڪري پرلوڪ پڌاريا. هن صاحب پنهنجي جيون جو ڪافي وڏو عرصو گهڻي ڪُشلتا ۽ محڪم اِرادي سان سنڌي سماج ۾ جاڳرتي آڻيندي پنهنجي نيڪ ويدانتي ويچارن سان روحاني راهه جي پانڌيئڙن لاءِ ٽارچ مثل نشڪام شيوا ڪندي جَس جو ڀاڳي بڻيو. سندن ڪيترائي سماجڪ اُنتيءَ لاءِ ڪتاب شايع ٿيل آهن. ساهتيڪ شيوا ڪندي پنهنجو نالو روشن ڪيو.

اَسانجي پريوءَ در اِها ئي پرارٿنا آهي تہ سندس آتما کي شانتي بخشي ۽ سندس پريوار کي وڇوڙي جو ڏکہ سهڻ جي شڪتي ڏئي.

هري اوم شانتي اوم.

---

ايشور سڀني جيون ۾ حاضر آهي پل اهو ننڍڙو ڪئليءَ وانگر ڪو جيت هجي يا هاٿي جهڙو وڏو جانور. هوُ رهنيءَ جي ذري ۾ آهي ۽ ڪنڊ جي ذري ۾ بہ آهي.

رکڻ لاءِ نوَن اُسرندڙ سنڌي ساهتيہ سان دلچسپي رکندڙن جي سندن حوصلو بلند رکڻ لاءِ همٿ افضائي ڪندي پورن سهڪار ڏيڻ جي پويتر ڀاونا هيٺ ڪاريہ ڪندي خوب جَس جو ڀاڳي بڻجندو. خرچ جي ڪوتاهي ۽ بازاري اِشتهارن کي پاسيرو رکندي پنهنجن کي پويتر اُصولن موجب همٿائڻ آهي. اسان جي هرهڪ انڪ ۾ توهان ڏسندا تہ ٣٠ کان ٤٠ جدا-جدا آرٽيڪلس هوندا آهن. اسان هميشہ پاٺڪن کي لکندا آهيون تہ رومال کي نہ ڏسي مال کي ڏسو، جنهن لاءِ اسانکي خوب داد مليل آهي. مالي حالتن جي مدنظر اسين اجا وڌيڪ سهڻو دلڪش رسالو بڻائڻ جي هر مُمڪن ڪوشش ڪندا رهنداسين.

دهليءَ مان .N.C.P.S.L وارن Bulk Purchase Scheme هيٺ اسان جي هن بلڪل واجب ۽ صحي ڍنگہ ۾ شايع ٿيل هيءَ وينتي قبولي اسان کي يوڳيہ منظوري موڪلڻ جي ڪرپا ڪئي آهي، جنهن لاءِ اسين ڪائونسل جا بي حد گهڻا شڪرگذار آهيون. اسان جو هيءُ هڪ بلڪل نشڪام ڪاريہ اُصولن هيٺ فقط ضيا صاحب جي ياد تازي رکڻ ۽ نوَن ليکڪن ۽ ساهتيڪارن جي همٿ اَفضائي ڪرڻ ج پويتر ڀاونا آهي.

مان وري بہ ڊُهرايان ٿو، مان ڀاڳ کي خوشنصيب ٿو سمجهان جو ضيا صاحب جو وارث هئڻ جي ناتي مونکي بيحد گهڻو پيار ۽ عزت حاصل ٿي رهي آهي. مونکي فخر آهي جو پوڄ پتا صاحب جي ساهتيڪ شيوا ۽ شاعريءَ جي فَن سان مُشابهت رکڻ وارو اَڄان ڪوبہ ايترو هر رنگہ ۾ ۽ هر وشيہ تي ايترو سليل ۽ عام جي ٻوليءَ ۾ لکڻ وارو باني نظر ڪين ٿو اَچي جو اُن جي شاعراني عالميت واري رواني لکڻ جو حقدار بڻجي سگهي ! مان اِها هام ڪونہ ٿو هڻان. مان ڪيترن ليکڪن شاعرن جي صحبت ۽ گڏجاڻين ۾ دلچسپي رکندو رهان ٿو. اُن باري ۾ ڪيترا آيل عالماڻا ليکہ هن ضيا رسالي ۾ شايع ڪندا رهيا آهيون. سنڌ ۾ آڳرين جي ڳڻڻ جيترا ليکڪ شاعر گهڻو ڪري غير هندو سنڌي مسلمان هوندا هئا. هاڻي اُهو عشق هتي ڀارت ۾ وَڌي ويو آهي. بنا اُستاد ۽ محنت جي شاعريءَ جي فَن جي معلومات پوري ڄاڻ نہ هئڻ ڪري فقط مفت جي مشهوريءَ جا مشطاق عمدا ساهتيڪار هئڻ جي ڀاڳ پوڄائڻ جي ڪوشش

---

اگيان ڇا آهي ؟ ٻن آتمنم؛ ڀاڳ کي آتما بنا سمجهڻ. ’اُن‘ کان الڳہ سمجهڻ ئي اگيان آهي. ايشور کی ڀاڳ کان ٻيو سمجهڻ اگيان آهي. سڀيئي دويتا جا حصا آهن؛ باه جون چڻگون ڇا ڇا

# ”حال حقيقت“

پيارا پاٺڪو، سدائين پنهنجي پريوار سميت هر طرح باغ بهار هجو. پوڄ پتا صاحب جن جي ياد تازي رکڻ لاءِ هيءُ انڪ شپ چيٽي چنڊ جي روپ ريکا هيٺ شايع ڪندي اسانکي بيحد گهڻي خوشي ٿي رهي آهي. هن انڪ ۾ خاص ضيا صاحب جي شخصيت سان واسطو رکندڙ ڪن ساهتيڪارن ليک ۽ شعر موڪليا آهن. اُهي ڪجهه شايع ڪري رهيا آهيون. تنهن ڪانسواءِ ضيا صاحب جون ڪيترين رچنائون خاص اهميت ڀريون شعر بہ پيش ڪري رهيا آهيون، جنهن سان نَون اُسرندڙ ليکڪن شاعرن کي سندن ترقيءَ جي راهہ ۾ سٺو فيض حاصل ٿي سگهي ٿو. پڻ پاٺڪن کي پڙهندي ضيا صاحب جي رچنائن جو لطف ماڻيندي ضيا صاحب جي شاعريءَ جي ڄاڻ معلوم ٿيندي.

فيبروري مارچ مهني ۾ شپ وڏا ڏينهن سڪ ۽ شرڌا سان پوڄ جهوليلعل سائينءَ جي ياد ۾ رٿيل ميلا جي شپ چيٽي چنڊ ميلو نئين سنڌي سال سان اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي پارت جي وڏان ۾ تسليم ڪرڻ جي نيمن جي خوشيءَ ۾ خوب سٺا شاندار پارت جي جدا-جدا شهرن ۾ سنڌي سماج طرفان پروگرام رِٿيل آهن. اِنهن شپ ڏينهن ملهائڻ جون سيني کي بيشمار واڌايون هجن. شل جهوليلعل سائينءَ جي مهر سيني مٿان وسندي رهي، سپيئي خوش رهن، آباد رهن. سنڌيت جي جوتِ جاڳرت رکڻ لاءِ سيني جي دلين ۾ اُمنگ، اُتساهہ وڌندو رهي، سڪ ڀريون گڏجاڻيون ٿينديون رهن، سنڌي سماج ۾ جاڳرتي پئدا ٿيندي رهي، اِها آهي اسان جي سيني لاءِ شپ ڪامنا.

اسان کي ڄاڻي بيحد گهڻي خوشي ٿي رهي آهي جو پياري سريش ڪيسواڻيءَ صاحب جي جاءِ تي هاڻي هڪ مهان اُوچ ڪوٽيءَ جو ساهتيڪار، اپياسي، ڪوجنيڪ سنڌيت جي شيدائي بزرگ وڪيل صاحب دادا رام اَمرلعل پنجواڻيءَ N.C.P.S.L. جو وائيس چيئرن مقرر ٿيو آهي. اسان کي وشواس آهي هن صاحب جي رهنمائيءَ هيٺ هو صاحب کي بہ شخصي متيدن کي پاسيرو رکي سنڌي ٻوليءَ ساهتيہ کي زندهہ

---

ڏن جو غلط ڪمن ۾ يا غلط طريقن سان خرچ ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجيٿو.

**سمپادڪيہ :**

(سرڳواسي پياري ڪشور پهوجا جو هيءُ ليکہ خوب اهميت پريو آهي جيڪو انڪ ٣٠ ۾ شايع ٿي چڪو آهي اُهو دهرايان ٿو)

ضيا صاحب جي سپاتر نارائڻ سچانندڻيءَ کي شاباس هجي، جو پنهنجي پتا صاحب پرسرام ”ضيا“ جي ياد تازي رکڻ لاءِ، هن مهانگائيءَ جي اُچاٽ زماني ۾ تماهي ’ضيا‘ مخزن شايع ڪندو پيو اَچي. مخزن جو اُپيوگ سواءِ ڪن ٿورن وڏيءَ تهيءَ جي، هيو ڪير بہ ڪونہ ٿو ڪري. اِنهن ڪن ۾ بہ مخزن خريد ڪري پڙهڻ جو چاهہ رکندڙ بلڪل ٿورا ئي آهن. مخزن ڪيترن اَديبن ۽ دوستن، واقفڪار ۽ مٽن مائٽن کي مفت ۾ موڪلي وڃي ٿي، پر چاهہ سان پڙهي، فيض پرائيندڙ بہ مشڪل سان ملندا. موٽ ۾ نہ شڪرانا، نہ رايو، نہ پهچ !

جيئن منهنجي اَکين ۾ موتيو-پاٽي اَچي ويو آهي ۽ لکڻ-پڙهڻ ۽ ٽي·وي. ڏسڻ گهٽائي ڇڏيو آهي، تيئن ڪيترن بزرگ پاٺڪن جو حال بہ ساڳيو ئي هوندو. سنڌ ۾ اِسڪولن ۾ ئي ساليانيون مخزنون شايع ٿينديون هيون، جن ۾ شاگردن جون رچنائون پڻ شايع ٿينديون هيون پر اَڄ جي دؤر ۾ اَهڙو ڪجهہ ڏسڻ ۾ نٿو اَچي. اِنڪري پرڪاشڪ کي گهرجي تہ مخزن جو مواد سنهي ٽائيپ ۾ ڇپائڻ کان پرهيز ڪري تہ بهتر. هونءَ بہ اَصلوڪو مواد، ڪي ٿورائي اَديب موڪلين ٿا تہ پوءِ گهٽي مواد ڇپائڻ جو ڪهڙو مطلب ؟ بزرگ پاٺڪن جي نظر ج خيال ضرور رکڻ گهرجي !

جيئن تہ مان هينئر اَمبرناٿ ۾ نواس ڪري رهيو آهيان اِنڪري پرڪاشڪ کي گهٽي مدد ڪري نٿو سگهان، ويتر نظر ڪمزور وڏيڪ نہ ٿئي اِنجو بہ تہ خيال رکڻو آهي؛ اِنڪري هاڻ پرڪاشڪ کي سمپادڪيءَ جو بار پاڻ تي هموار ڪرڻ گهرجي. اَهڙيءَ صلاح تي غؤر ڪرڻ گهرجي.

مونکي گهڻو اَفسوس آهي جو اَڪل ڀارت سطح تي مؤجوده سنسٿائون، نئين ٽهيءَ ۾ ٻولي ۽ ساهت لاءِ چاهہ پئدا ڪرڻ ۾ ڪوبہ قدم ڪونہ ٿيون کڻن ۽ نہ تہ وري اَڪادميون ۽ راشٽريہ سنڌي ٻولي

جيپ اڳير آئي. ڏند وڃير اچن ٿا ۽ وقت سان ڪرندا وڃن ٿا. ساڳي نموني دراچاري ڏشٽ راڪشس بہ جلد هليا ويندا. ـ جاجا

ڪندڙن جو تہ ليکو ئي ڪونهي. مان آنهن کي نماڻي وينتي ٿو ڪريان تہ پ
ڪنهن بہ ناميارن اُستاد شاعرن ليکڪن جي صحبت ۾ رهي پختائي حا
ڪري پنهنجو نالو روشن ڪن ۽ اُنهن جي چيل ڪتابن جو اَڀياس ڪ
مان اُنهن سهڪار ڏيندڙن جو بيحد گهڻو شڪرگذار آهيان ج
ضيا رسالو چالو رکڻ لاءِ همٿايو آهي ۽ خاطري ڏني تہ سندس سهڪ
آئينده لاءِ قائم رهندو. آگسٽ واري مهني جي پڇاڙيءَ ۾ ڪن دوس
جي رٿيل پروگرام شوينڪ ياترا، ڪن مکيہ ڌرمي آستانن ۽ مکيہ شه
۾ وڃڻ ٿيو جتي وڏي عمر وارن سينئر سٽيزنس، پنهنجي عزيزن
ڪن ساهتڪارن سان مڪاميلو ٿيو. سيني وٽان تمام گهڻو پيار ۽ ڪج
مالي سهڪار مليو. ۱۵ ڏينهن جو پروگرام هو. واپس اچڻ تي معلوم
تہ پياري ڪشور پهوجا کي سندس گهر ۾ ڏڪ لڳڻ سبب ڏاڍي تڪلي
پهتي آهي ۽ روبرو وڃي ڏٺم. امبرناٿ ۾ سندس گهر ۾ ڏسي بيح
گهڻو دک ٿيو آهي جو اسان جو سمپادڪ شري ڪشور پهوجا کي سند
گهر امبرناٿ ۾ اٽڪل ۲ هفتا ٿيا تہ کيس اوچتو ڏڪ لڳڻ سبب
صاحب بستري تي آهي. سندس وِهڪَ جي جاءِ تي فرئڪچر تي
اَٽس. ڪافي تڪليف هيٺ آهي. ڪاڏو بند ٿي ويو اَٽس، جنهنڪر
تمام گهڻو ڪمزور ٿي ويو آهي. ڊاڪٽرن جي رايي موجب فرئڪ
جي جڳہ تي آپريشن لازمي ٿيندو. جيئن تہ پهوجا صاحب بيحد گه
ڪمزور بڻجڻ ڪري سندس اُن ڏڪ لڳل جاءِ جو آپريشن ٿي ڪ
سگهندو جيستائين هن جو ڪاڏو کائڻ شروع ٿئي ۽ خون گهربل پيدا ٿ
اُن ڪري سندس سڀ ساهتيڪ مشغوليون بند ٿيون آهن.
افسوس هو صاحب ڪافي ويدنا سهندي ۰۸-۱۰-۵ تي ه
سنساري سفر پورو ڪري پربوءَ جي پار ڏي پرواز ڪري ويو. اسان ج
پربوءَ در پرارٿنا آهي تہ سندس آتما کي شانتي ملي، پنهنجي ڪو
چرنن ۾ نواس بخشي ۽ سندس پريوار کي هن وڇوڙي جو دڪ سهڻ ج
سائين همٿ بخشي. سمورو احوال اسان انڪ ۳۰ ۾ شاع ڪيو آهي.
پاٺڪن کي عرض آهي تہ ضيا رسالي بابت ڪابہ چاڻ لکپڙ
سڌو ضيا رسالي جي ائڊريس تي موڪلڻ جي ڪرپا ڪن.

اڄ بہ اهڙا دليت آهن جيڪي پنهنجون اهائون پوريون ڪرڻ لاءِ ماءُ، ڀيڻ، پيءُ ۽ دوست جو بہ
نقصان ڪندي دير نہ ڪندا آهن. ٿي سگهي تہ اهڙن شخص کي سمجهائجي نتہ اهڙن
سوارٿي ۽ پاپي شخص کان پري رهجي.

”گلابي گلڙا“ (ٽماهي) شايع ٿيندي رهي آهي؛ جنهن ۾ شاگردن جي رچناءَ کي اڳرائي ڏني ويچي ٿي، هر رچنا تي اُجورو بہ ڏنو ويچي ٿو ۽ ڪين مخزن (گهاٽي) ۾ ڏني ويچي ٿي، تہ بہ اِسڪولن جا اَڌڪاري شاگردن ۾ ٻولي ۽ ساهت لاءِ چاهہ پئدا ڪرڻ ۾ چاهہ ڪونہ ٿا وٺن. اِنجو سبب اِهو آهي جو خود اَڌڪارين ۾ بہ چاهہ نہ رهيو آهي. اِن لاءِ مائٽ ئي گهڻي قدر جوابدار آهن، ڇو تہ پنهنجي ماتر-ڀاشا لاءِ منجهن چاهہ نہ رهيو آهي. صرف غريبن جا ٻار ئي سنڌي ماڌيم دوارا سکيا وٺي رهيا آهن.

سنڌي قوم جو پيشو گهڻي ڀاڱي ڏنڌو رهيو آهي. اِنگريءِ هالو-چالو ٻولي اَچڻ ۾ ئي خوش آهن. اوچ سکيا حاصل ڪرڻ مان بہ ڪين ڪو فائدو ڪونہ ٿو ڀهچي. خاص ڪري جِنس مونث کي تہ پنهنجو گهر ۽ پريوار سنڀالڻو پوي ٿو. ڪائٽن لکڻ-پڙهڻ ڇڏائجي ويچي ٿو ۽ صرف ڳالهائڻ جي ٻولي ئي وٺن رهي ٿي. پر جيئن تہ سنڌن اؤلاد ڪانوينٽ ۾ پڙهڻ ويچي ٿي تہ مائٽ ٻارن سان هندي يا اَنگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون تہ پوءِ آخر سنڌي ساهت جو ورثو ڪير سنڀاريندو؟

سنڌي جاتيءَ کي ڪوبہ الڳ پرانت ڪونهي. نہ تہ اَلڳ پرانت ملڻو ئي آهي. اِنگري واپار جي خيال کان هنديءَ ۽ پرانتڪ ٻولي ضرور سکڻي پوي ٿي. جن جو واپار ڌارين ملڪن سان آهي اُنهن کي اَنگريزي سکڻ گهرجي. اَنگريزي ٻولي اِنگري ڪاليج جي پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ ئي اُنهن کي سکڻ گهرجي.

پڇاڙيءَ ۾ مان اُنهن شاگردن لاءِ هڪ صلاح ڏيندس، خاص ڪري اُنهن کي جي ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي سکي رهيا آهن. هندي ٻولي پڙهڻ لاءِ ديوناگري لپي تہ ڪين سکڻي پوي ٿي پر ڪابہ لپي سکڻ لاءِ ڏهہ-پنڌرهن ڏينهن ڪافي آهن تہ پوءِ سنڌي لپيءَ کي ماڌيم بڻائي سکيا ڇو نہ ونجي. اِن مان اَنيڪ فائدا آهن، جن جو ذڪر ڪافي ٿي چڪو آهي.

ڪوبہ ٻار پنج ڇهہ ٻوليون سؤلائيءَ سان سکي سگهي ٿو. اِئين تہ

---

ايشور کي توهان جي شيوا جي ضرورت نہ آهي.
اِنسان جي سيوا ئي ايشور جي سيوا آهي.

وڪاس پريشد ئي چاهہ وٺي رهي آهي. تہ پوءِ جيڪو ساهت ڇپيل آه
۽ ڇپجندو رهي ٿو، اُهو ڪير پڙهندو؟

اِن ڪان وڌيڪ ڏک جي اِستٿتي اِها آهي تہ سانڍڻ لائق پستڪ
رَدِيءَ ۾ وڪامجي رهيا آهن. لائبرريون پڻ صرف نالي ۾ آهن. پڙه
وارو ڪو مشڪل سان ملندو. اَنيڪ اَموليہ ڪتاب ڪٻٽن ۾ بند پيا آهن
جن جو فائدو بہ مشڪل سان ڪو نقاد وٺي رهيو آهي، تہ پوءِ عوام ڪ
پنهنجي جهوني اِتهاس، چاهي نئين سماج جي ريتين رسمن ۽ حال
چال جي ڄاڻ ڪيئن پئجي سگهندي؟!

اَڄ ٽي.ويءَ جو زمانو آهي. سٺا ۽ خراب پروگرام هڪيا تڪ
ڏسڻ لاءِ ملن ٿا؛ اِنڪري اَخبارن ۽ ڪتابن پڙهڻ جو شوق بلڪ
گهٽجي ويو آهي. اِن هوندي بہ لکين رپيا هر سال سنڌي ساهت ڇپائ
تي خرچ ڪيا وڃن ٿا.

اَسين سنڌي آهيون، ڇاڪاڻ تہ اَسانجي اَبن، ڏاڏن، پرڏاڏن
ترڏاڏن جو جنم سنڌ ۾ ٿيو هو. اِن سنڌ جون حدون وسيع ڦهليل هيون
پر ڌارين جي حملن ۽ حڪومتن جي غلاميءَ ۾ رهندي، اَصلي آرين
اِتهاس اَڄ تائين پورو نٿو ملي ۽ نہ تہ ملي ئي سگهندو؛ جيڪو ملندو اُ
بلڪل اَڌورو ۽ اَڻپورو ئي هوندو.

هڪ ڪهاوت آهي : ”اَول پيٽ پنجوءَ جو ٻار ٻچا سڀ پوءِ!“ ه
وقت جي سنڌي ڪلاڪارن ۽ ساهتڪارن سان اِهو پهاڪو بلڪل ٺهڪ
ٿو اَچي. سميلن، سيمينار، اَدبي منڊل ۽ منڊليون اِنجو ثبوت آهن
اِنهن جي پروگرامن نئين ٽهيءَ جا جوان مشڪل سان ڏسڻ ۾ ايندا؛
پوءِ نئين ٽهيءَ ۾ پنهنجي منڙي سنڌي ٻولي ۽ ساهت لاءِ چاهہ ڪيئ
پئدا ٿيندو؟

١٩٧٠ ۾ سنڌو گيان مندر جي سهاري ”گلابي گلڙا“ (ماهوا
شايع ڪرڻ شروع ڪئي هئي؛ جا سانده ٨ سال شايع ٿيندي رهي هئي
اِن مان ڪيترن شاگردن فائدو پرايو هو. گذريل ساڍن ڇئن سالن ڪان

جڏهن ڇنڱون ٻاهہ جي وهڃجو آهن تہ اُنهن ۾ تپت ۽ روشني ٿئي ٿي. پر جڏهن اُهي ان ڪان پري آهن تہ ڪوئلو رهن ٿيون. ساڳي نموني جڏهن انسان ايشر جي ڀرسان آهي تہ ست-چت-آنند. هن ۾ رهي ٿو جڏهن هو ايشور کان پري رهي ٿو تہ هن ۾ دويتا جا گڻ نٿا رهن.
ـــ [illegible]

# ضيا ساهتيہ مالها

بلاڪ ١٠٨٥، او.ٽي. سيڪشن، پرسرام ضيا روڊ، سنڌونگر-٣٠٠٢٤٢١.

## ”نويدن“

پريہ متر،

گذريل نون سالن کان ضيا سنڌي ادبي ٽماهي رسالو اسن شايع ڪندا رهون ٿا. هيءُ ايڪٽيهون (٣١) انڪ توهانجي هٿ ۾ آهي. اسان جو خاص مقصد سنڌي ٻولي پنهنجي ماترياشا لاءِ پيار ۽ جذبو جاڳرت رکڻ جو آهي. جيڪو هر ڪنهن سنڌي سماج جي ڀاشندن لاءِ اِخلاقي فرض سمجهڻ گهرجي. هيءُ هڪ نسوارٿ ڪاريہ آهي. اسانکي هن ساهتيڪ شيوا لاءِ بيحد گهڻو قرب حاصل ٿيو آهي.

سدا حيات هر دل عزيز عام جو شاعر پرسرام ضيا جو اڻ ڇپيل رچنائن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ سندن ياد تازي رکڻ سان گڏ نون سنڌي ساهتيہ سان دلچسپي رکندڙ ساهتيڪارن کي سندن رچنائن کي هن رسالي ۾ جوڳي جاءِ ڏيئي سندن همٿ وڌائڻ ۽ نشڪام شيوا جو هيءُ ڪاريہ شروع ڪيل آهي.

توهان کي سنڌيت جو شيدائي سمجهي عرض ٿو ڪجي تہ هن شڀ ڪاريہ کي اڳتي وڌائڻ ۽ زنده رکڻ لاءِ اسانکي هيٺين ريت هر ممڪن ڪوشش ڪندي سهڪار ڏيندا تہ اسين توهان جا تهدل شڪرگذار رهنداسين.

پاڻ ميمبر بڻجو ۽ ٻين پريتوانن کي ميمبر بڻائڻ ۾ سهڪار ڏيو.

١) ساليانو چندو فقط ٨٠ رپيہ آهي، جنهن ۾ چار انڪ پهچائبا. حياتي ير لاءِ چندو فقط ٥٠٠ رپيہ آهي جنهن ۾ هيل تائين جيڪي ٣٠ انڪ شايع ٿي چڪا آهن ۽ مؤجود هوندا اُهي ڪين موڪليا ويندا تنهن سان گڏ هڪ پستڪ پيغام-ضيا جنهن ۾ اٽڪل ١٠٠ رچنائون جدا-جدا پهلن تي رچيل آهن اُهو ڪتاب حياتي ير وارن کي سوکڙي سمجهي ڏنو ويندو.

٢) اشتهار حاصل ڪري موڪليو، اسان جو هيءُ رسالو ڀارت جي لڳ ڀڳ سيني وڏن شهرن ۾ باقاعدي پهچي ٿو - اشتهارن جا هيٺئن ريت اگهہ آهن.

١) ڪَور پيج جو آخرين صفحہ ٻين رنگن ۾ آرٽ پيپر تي فعط ٨٠٠ رپيہ

٢) ڪَور پيج اندريون صفحہ آرٽ پيپر تي فقط ٥٠٠ رپيہ

٣) ڪتاب ۾ سڄو صفحہ لاءِ فقط ٤٠٠ رپيہ

جڏهن اسان ٽي دفعا ’شانتي، شانتي، شانتي‘ چوندا آهيون تہ اها ٽن، من ۽ آتما جي شانتيءَ لاءِ پرارٿنا آهي. - بابا

جيترين بہ ٻوليون سکجن، اُنهن مان فائدو ئي فائدو آهي. پر پنهنج
ماتر ڀاشا سنڌيءَ جي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ کانسواءِ ايندي تہ پوءِ ”سنڌي
سڏائڻ جو اَسانکي ڪهڙو حق آهي؟ ڀاٽڪي ”فخر سان سنڌي“ سڏائڻ
جو حق اُنهن کي آهي جن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ سان پيار آهي
لکڻ پڙهڻ، ڳالهائڻ اَچي ٿي. ائن تہ سنڌي ٻولي سنڌو-ديش جي
آهي؛ جا ڪڏهن بہ مرڻ جي ڪانهي، پوءِ ٻارن کي ٻولي سکڻ کا
محروم ڇا لاءِ رکجي. سنڌي لپي سنڌ جي لپي آهي،ڪسنڌين جي
لپي آهي. هر ڪنهن جاتيءَ کي پنهنجي لپي، ٻولي ۽ ساهت لاءِ پيا
آهي، اِها حقيقت محسوس ڪري پريشد ۽ اَڪادمين، سڀائن ۽ سنستائن
کي عملي قدم کڻڻ گهرجن.

اَنت ۾ 'ضيا' مخزن لاءِ چندو پرڻ جي صلاح اَديبن ۽ ٻوليءَ جي
شيدائن کي ضرور ڏيندس، ڇو تہ اِن جو معيار پڻ اوچو آهي ۽ اِن کا
بہ وڌيڪ رکي سگهجي ٿو. اُميد تہ سڄڻ، دوست سهيوگ ڏيندا.

- ڪشور ڦهوجا ”جيون“

# قدرتي علاج

● تلسيءَ جي ڪاڙهي ۾ سينڌو لوڻ ۽ سنڍ ملائي پيئڻ سان قبضي مٽجي
ويندي آهي.

● ليمي جي رس ۾ جافر گهي، اُهو وٺڻ سان قبضي مٽجي ويندي آهي.

● ڪاڏو کائڻ کان هڪ ڪلاڪ پوءِ ٽن کان پنج نندڙيون هريڙون چڱيءَ طرح
چٻاڙي کائڻ سان قبضي مٽجي ويندي آهي.

● بصر کي گرل رک ۾ سيکي روزانو صبح جو کائڻ ڪري قبضي مٽجي
ويندي آهي ۽ شڪتي وڌندي آهي.

● قبض هجي ۽ بک گهٽ لڳندي هجي تہ سنڍ، پيپر، جيرو، سينڌو لوڻ
ڪارا مرچ هڪ جيتري حصي ۾ ڪٽي چڱيءَ طرح گهوٽي چورڻ ناهي ٻ
گرام روزانو ڪاڏي کان پوءِ وٺو.

● کير يا ننهن سوسڙي گرم پاڻيءَ سان ڇيٽي وڏڦ ڦکڻ ڪري قبضي دو
ٿيندي آهي.

واتاورڻ ۾ جيڪا شڪتي آهي، ماڻهن کي اِها گهٽ ليکڻ نہ گهرجي. مثال طور اِجو واتاورڻ ريڊيو اَسٽيشن تان ايندڙ ترنگن سان ڀريل آهي پر اهي لهرون الڳہ هلن ٿيون ۽ هين سان ڪانہ ٽيون ٽکرائين. اِها بجلي شڪتي دوبہ آهي. اُهو قدرت جو هڪ راز آهي. شرير بہ هڪ ريڊيو وانگر آهي. جڏهن توهان اِهو برابر ٽيون نٺا ڪريو تہ توهان کي برابر اسٽيشن کانہ ٿي ملي ڀا ڀا

# انمول جيون ڏن

جتي سچ، اُتي گيان، جتي گيان، اُتي ڀڳتي
جتي ڀڳتي، اُتي پريم.
پريم سان پريو پائبو،
پر، پريم ڪبي پوتر ۽ نسوارٿ.
جتي پريو آهي، اُتي هر ڏن موجود آهي.
پهريون آهي پريم ڏن، ٻيون آهي سواس ڏن
ٽيون گيان ڏن، چوٿون آهي سپاتر اولاد
پنجون ڀڳتي ڏن، ڇهون شُمتي ڏن
ستون آهي صحت ڏن، اٺون وشواس ڏن
نائون نسوارٿ ڏن، ڏهون آهي سريشٽ ڪرم
يارهون سميه ڏن، ٻارهون آنند ڏن
تيرهون آهي سنتوش ڏن، چوڏهون ٻڌي ڏن
پندرهين پوترتا، سورهين آهي سچائي
سترهين آهي ماءُ پيءُ جي شيوا، ارڙهين آبروُ
اڻويهين نمرتا ڏن، ويهين آهي وديا ڏن
ايڪويهين ڏن دولت جنهن جي ست اُپيوگ ٿئي
ٻاويهين شرڌا، ٽيويهون شيوا ڏن، چوويهون ديا .....
”ديا ڌرم جو مُول آه، پاپ مُول وناش،
رام، ديا نه تياڳجي، جيسين جسم ۾ جان !“

هر انسان اَنمول شين کي ڇڏي موليه وان شين جي پليان ٿو ڊڪي. جيون اَنمول آهي، ته اَنمول جي پليان ڊڪجي ته جيون اَنمول ٿي ويندو.

سريشٽ ڪرم اَنمول آهه مانش چولو سريشٽ ڪرمن سان ملندو آهه.

رام ٽلواڻي ’جيون‘
سنڌونگر-٢. فون : 701497

---

باغ جو مالهي ٻڻج ٿو نه مالڪ. سنساري باغ جو مالڪ هڪ پرم پتا پرماتما آهي.

۴) ڪتاب ۾ اندر اڌ پيج فقط ۲۵۰ رپيہ

ضيا ساهتيہ مالها نالي بئنڪ ۾ ڪاتو آهي. بمبئيءَ ۾ رهندڙ
Payees A/c. سان موڪلي سگهن ٿا. اُميد تہ اسان جي هيءَ نماڻي
ضرور قلدائڪ بڻجندي. اسان جو پنجاب نئشنل بئنڪ، اُلهاسنگر ۾
آهي. اِن جون برانچون گهڻو ڪري ڀارت ۾ سڀني شهرن ۾ برانچون
اُنهن ۾ جمع ڪرائي سگهو ٿا. اسان کي جاڻ ڏيندا ۽ بئنڪ جي
موڪليندا تہ اسان رسالي ۾ وجهي موڪليندا سين. ڌنيواد.

**شيوا ۾ :**

**نارائڻ پرسرام ضيا - پرڪاشڪ ۽ سمپادڪ**

**۽ ڀا صلاحڪار ڪاميٽيءَ جا ميمبر**

---

**سوچنا : اسان پنجاب نئشنل بئنڪ ۾ ڪاتو کوليو آهي. پئسا موڪليندڙ**
**جي نالي ' Zia Sahitya Malha جي /c. No. 0461002105036675**
**۾ ڪهڙي بہ شهر ۾ جتي بئنڪ جي برانچ هجي روڪ يا چيڪ ڀري سگ**
**اسان کي پوسٽ ڪارڊ ۾ جاڻ لکندا. اسين پئسن ڀريل جي رسيد**
**رسالي ۾ وجهي موڪليندا سين. انهيءَ بئنڪ طرفان ڪابہ چارج ڪين**
**ڪانہ پوندي.**

---

## سهڻا سخن

... ڳالهائڻ گهرين تہ، مٺيءَ زبان سان سچ ڳالهاءِ.
... ڪائڻ گهرين تہ، غصي ۽ ڪاوڙ کي ڪاءُ.
... توبهہ ڪرڻ گهرين تہ گناهہ ۽ ظلم کان توبهہ ڪر.
... اُتسو جي ڏينهن شڪتيءَ، من ۽ واڻيءَ جو سد اُپيوگ ڪريو. ڀڳوان
خوب ياد ڪريو. غريبن کي اَنُ دانُ ڏيو. ساڌو مهاتمائن کي ڪاڌو کارايو
... جيون ۾ هڪ وقت اهڙو اچي ٿو، جڏهن تنهنجو پاڳہ نيڪ ٿئي
تڏهن خوب ڏيو ۽ پريم سان هلو. پاڳہ اُبتو ٿيندو تہ ڌن گڏ ڪرڻ تي
ڪجهہ نہ رهندو.
... ڪپٽ جي ڪمائيءَ کان بکہ مرڻ بهتر آهي.

---

**آفيسر جي اڳيان، گهوڙي جي پوئتان خبردار ٿجي.**

ائين هوُ هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو اچي ويئون جو هڪ جو ڪو ڳجهہ ٻئي کان لڪل ڪونہ رهيو۔ جانڪيءَ هن کي پنهنجي مڙس جي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌايو۔ ڳالهيون ٻڌائيندي روئڻ لڳندي هئي تہ پمي ڳرانڙي پائي چوندي هئي ڇي، ڇي، اهڙن مردن لاءِ هڪ لڙڪ بہ مهانگو آهي. اهڙن اِنسانن کي تہ سيڪت ڏيئي سبق سيکارڻ گهرجي.

ڏيري-ڏيري آلائي ڪيئن پميءَ جي دل ۾ مردن لاءِ نفرت پئدا ٿي تہ مردن جي ذات ئي اهڙي آهي. هوُ ڪنور دل آهن، خودغرض آهن. هن جي اندر ۾ اِهو نشچو پڪو ٿندو ويو تہ هوُءَ شادي نہ ڪندي. هوءَ اَڪيلي جيئندي.

اَئڪل ڇهہ مهنا ٻئي ساهيڙيون هڪ ٻئي سان ائين ڇهتيل رهيون ڄڻ ڪڏهن بہ جدا نہ ٿيڻيون هيون. پر پوءِ جانڪي ڄڻ واريءَ جي قلعي جيان پرُکڻ لڳي. پميءَ کي خبر ڪانہ پيئي تہ ائين ڪيئن ٿيو. هڪ ڏينهن جانڪيءَ جو گهوٽ جانڪيءَ کي وٺڻ آيو. شايد جانڪي گهوٽ کي خط پٽ لکندي هئي جنهن جي پميءَ کي خبر ئي نہ هئي. پميءَ جانڪيءَ سان مٺا مونا هنيا تہ اهڙي نردئي مڙس وٽ وڃڻ آپگهات جي برابر آهي. پر جانڪيءَ پميءَ جي هڪ بہ نہ ٻڌي. جهڙي جوش ۾ اَڳہ مڙس خلاق ڳالهائيندي هئي اُن کان بہ وڌيڪ اُتساه سان هوءَ مڙس جو بدر ڪٽڻ لڳي. جانڪي چوڻ لڳي مرد ذات جو سڀاءُ ئي اهڙو. سندن غصو، سندن پيار جو ٻيو روپ آهي. سچ تہ مڙس کان پري رهندي جانڪيءَ مڙس جي سيني براين کي وساري ويئي هئي. صرف سندس سناين کي ساراهڻ لڳي.

پميءَ جي لکہ سمجهائڻ تي بہ هڪ سانجهيءَ مڙس سان هلي ويئي. پمي ساڳي اڪيلہ رسنجي ويئي.

ايشور کي ٻوهان جي سيوا جي ضرورت نہ آهي.
انسان جي سيوا ئي ايشور جي سيوا آهي.

ڪهاڻي

# اَڪيلي ڇوڪري

-ڪمليش گوبند موٽواڻ

هڪ ڇوڪري هئي. هنجو نالو پمي هو. ننڍي هوندي کان گهر
ڳالهائڻ ۾ شرميلي هئي. پڙهڻ ۾ هوشيار هئي. اسڪول ۾ هر جڳهه جد
هوندي هئي.

شهر کان ٻاهر اَڌوري وسيل ڪالونيءَ ۾ مائٽن سان گڏ هڪ ننڍي
فلئٽ ۾ رهندي هئي. جتي رستا ڪبڙ ڪبڙ ۽ ويران هوندا هئا. هڪ شا
پنهنجي بلڊنگ جي هيٺان بيٺي هئي تہ رستي جي ٻيءَ پر هڪ
ڇوڪريءَ کي بيٺل ڏٺائين. ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو ۽ ٻئي لڳہ ڀڳ
ساڳئي عمر جون هيون.

پمي اُن ڇوڪريءَ جي سامهون آئي ۽ پڇيائين تون هتي رهندي
آهين؟

جانڪيءَ ڪنڌ ڦيرائي آڱر سان پنهنجي فلئٽ ڏانهن اِشارو ڪي
۽ چيائين مان پنهنجي ڀاءُ ڀاڄائيءَ وٽ آئي آهيان. مان پيڪي آئي
آهيان. پمي بہ ساڳئي بلڊنگ ۾ ٢ ماڙي تي رهندي هئي. جانڪي
سوچي ڏاڍو خوش ٿي تہ ڪجهہ ڏينهن ساهيڙيءَ جي ڪمپني ملندي
ٻئي هڪ ٻئي کي سمجهي ويئون. پميءَ جي زندگيءَ ۾ اِها پهرين
ساهيڙي هئي جنهن جي دل اڳيان پنهنجي دم جو حال اوري دل ج
بار هلڪو ڪري سگهي.

ٻنهي جي وچ ۾ هڪ ٻئي جي گهر اچڻ وڃڻ جو سلسلو شروع ٿيو
جانڪيءَ جو ڀاءُ ڪنهن سني عهدي تي هئو ۽ پارٽين وغيره تي اڪث
زال کي وٺي ويندو هو. جانڪي پميءَ کي پنهنجي گهر گهرائيندي
هئي جو ڀاڻس بہ ائين چاهيندو هئو ۽ ڀاءُ کي پنيان اون نہ هوندي
هئي. چوندو هو ٻنهي ساهيڙين جو سنو ٽائيم پاس ٿيندو.

پيار وڃائي انسان ذات انسانيت وڃائي ڇڏي آهي. پيار انسان جو پرم گڻ آهي.

# اَچو تہ آزمايون

سنگرهہ ڪندڙ : پارپتي ۽ رام ڪرشن آڏواڻي راهي

مايوس ملول دلين تي گيان جا وچن ٿڌو ڇنڊو وجهندا آهن. تتل دليون سيتل ٿي پونديون آهن. ان ڪري اسان باپ دادا جي سکيائن مان سال جي ٣٦٥ ڏينهن لاءِ ٣٦٥ شبد ويچارن جي چونڊ ڪئي آهي. اسان کي وشواس آهي تہ اهي سکيائون اَنيڪ آتمائن جي اُنتيءَ جو ڪارڻ بڻجنديون.

هنن اَملهہ ويچارن جو امرت ويلي اُٿي اَڀياس ڪريون. انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون تہ اسان جي جيون ۾ ڦيرو ايندو، اِهي اُتم ويچار ۽ پنهنجو اَنيۡ آس پاس ۾ رهندڙ مترن، متن مائٽن کي ٻڌايون تہ هنن جو پڻ پاڳہ پلو ٿي پوندو. اُن کان وڌيڪ اسان کي بہ خوشي ٿيندي.

## اَچو تہ آزمايون ۽ پاڻ امين ٿيون

(١) جو آهي، جيئن آهي سويڪار ڪر ۽ چئہ پريو ! تيرا ڀاڻا مينا لاڳي.

(٢) پريکيائن کي پشپ جاڻي اکين تي رکہ، تہ سدائين سَرهو رهندين.

(٣) رات ڪانپوءِ پرڀات ايندي آهي، انڪري همت نہ هار. مشڪلاتن جو مشڪندي مقابلو ڪر. دل ۾ آشائن جا ديپڪ روشن ڪر.

(٤) جڏهن وڪارن کي ومکہ ڏيندين، تڏهين سچي سائينءَ جي سنمکہ ٿيندين.

(٥) قرب جي قيمت موتين کان مٿي آهي.

(٦) راضي رهڻ چاهين تہ اول ٻين ج خوشيءَ جو خيال رکہ.

(٧) انترمکي سدائين سکي.

(٨) اهنڪار آهي وڪار دکہ جي پار.

(٩) اُپديش ڏيڻ کان بهتر اٿيئي تہ مثال ڏيکار.

(١٠) تون ۽ مان جو ڀيد مٽاءِ، خوشي ماڻيندين.

(١١) دل جي تخت تي پرماتما کي وهار، سدائين لاءِ دل شاد رهندءِ.

(١٢) جت سچو سنيهہ هوندو آهي، اُت اَسميۡ بہ سميۡ ٿي پوندو آهي.

ايشور کي سڀ جاڻ آهي ڪنهن کي ڇا ڏجي، ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪيئن ڏجي. انڪري پنهنجو فرض پاليو ۽ بنا ڳڻتي جي توهان تي ايشور جي مهر جي ورکا ٿيندي.

ليکڪ

# شرير ۽ مَن تي وشواس نہ رکو

هڪ دفعي ڪنهن شش گروءَ کان پڇيو، ''ايشور ڪٿي آهي؟ گروءَ چيو تہ ايشور هر هنڌ آهي ۽ هر جيو ۾ حاضر آهي. شش شنڪ ظاهر ڪئي تہ ايشور جو سڀني جيون ۾ حاضر هئڻ ڪيئن ممڪن آهي گروءَ شش کي ڏهہ برتڻ پاڻيءَ سان ڀري آڻڻ لاءِ چيو. سوريہ جو پا هر برتن ۾ ڏسڻ ۾ پئي آيو. ايشور سڀني جيون ۾ حاضر آهي. برت الڳہ الڳہ هجن پر سوريہ جو پاڇو سڀني ۾ ساڳيو ئي آهي. انڪر سوريہ پرتيڪش پرماتما آهي. پر بنا پاڻيءَ جي پاڇو ڪانہ ڏيندو. اسا جو سرير برتن سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿو ۽ واسنائون پاڻيءَ سان جيڪڏهن توهان جا ويچار ۽ احساس شڌ آهن تہ توهان ديوتا صاف ڏسي سگهندا. جڏهن توهان جا ويچار ۽ احساس ناپاڪ ۽ خراب آه تڏهن توهان پرماتما جو عڪس ڏسي ڪانہ سگهندا. غلطي توهان جي خيالن ۾ آهي ۽ نہ ڪ عڪس ۾. ساڳي نموني توهان پنهنجي خوشي ۽ غم لاءِ پاڻ جوابدار آهيو. انڪري ڀهرين اُتم ۽ پاڪ ويچار اپنايو. اڪث مان چوندو آهيان تہ سرير پاڻيءَ جي بدبدي وانگر آهي ۽ من پاڳ باندر وانگر آهي. انڪري توهان سرير ۽ من تي وشواس نہ رکو.

## غزل

گھنشيام لوڪواڻي

جڏهن بہ ڪاڻي چٽي پوي ٿي
ڳالهہ سا دل تان ڏکي لهي ٿي
وڃي ٿو دلبر جنهن ڳاڏيءَ ۾
ڪين سا بہ پرليت چٽي ٿي
لڳي پيو آهين ڇا مسافر
هرهڪ مونکان راهہ پڇي ٿي
بعضي بعضي ڏکندي آ جا
رڳہ سائي اڄ خوب ڏکي ٿي

ڏهران ٿو جيڪا ڳالهہ وسارڻ
ور ور سائي دل تي ڦري ٿي
موت جي منهن مان موٽي آيو
دوا کان وڌ ڪم دعا ڪري ٿي
ڏکيو ڪري ٿي جڏهن نجا منهنجو
تنهن بہ منهنجي ڪين سري ٿي.

ڏکي ڀلي، بابا ڀلي

يار جن کي ياد، سي ياد يار کي.

# شيام کي سندر کي ڪيئن پايون ؟

(ما هري ديوي واسواڻي) (ورتل شيام اخبار تان)

هڪ دفعي پياري دادا کان پڇيو ويو تہ هي هڪ سوال تہ ڇا
ون، جو اَسان تي شيام سندر پرسن ٿئي ۽ درشن ڏي ؟
پياري دادا اول تہ سانت ۾ مشڪيو ۽ پوءِ ڇيائوهہ اُن لاءِ پهرين
ضروري آهي : پياس رکو پياس وڌايو. گوپين کي ڇا هو؟ گوپين
وِديا ڪين هئي، پر شري ڪرشن گوپين کي سنگہ ڏنو، ڇو تہ
ن کي هئي پياس. پياس رکو. (٢) روز ست سنگہ ڪمايو، ڪيرتن
و. جيئن ڪيرتن ڪندا تيئن شڌ ٿيندو، ٻاڻيءَ ۾ ٻَل اَٿو. سنتن
ٻاڻي اکر ڪين اَٿو. پر اُنهن اَکرن ۾ هڪ روحاني ڏارا اوتيل اَٿو.
ڪري اِنهن اَکرن ۾ شڪتي آهي. روز ڪيرتن نہ پڇيوَ تہ ڪو نہ ڪو
ڪٺي ويهي لکو. ڇئو اڄ هڪ سؤ دفعا هري رام واهگرو يا ست نام
اسين سيان سوا سؤ، پرينهن ڏيڍ سؤ. ائين رفتہ رفتہ وڃو وڌائيندا.
توهين پاڻ محسوس ڪندا تہ منتر لکڻ سان اوهان کي ڪيڏو نہ
پراپت ٿئي ٿو. (٣) ڪم ڪار بيشڪ ڪريو، پر ڪجهہ وقت بچائي
۾ ڪنهن نہ ڪنهن ستپرکہ جو جيون چرتر پڙهو يا اُن جي ٻاڻي
. (٤) ديا ڪريو. جي ڏسو تہ ڪو دکي آهي تہ ان جي شيوا ڪريو.
پکين کي کارايو. ديا ڪندا تہ اوهان جي روحاني شڪتي کلندي.
ڪرڻ سان شري ڪرشن جي ڪرپا توهان کي ملندي. اَڇو تہ هڪ
ڪري اِهي چار ڳالهيون چڱيءَ طرح سمجهون جيئن اسان تي
پرسن ٿئي ۽ پرسن ٿي درشن ڏي.

---

**شيح پڇائڻ (ماءُ جو بار کي پالڻ شيح پڇائڻ برابر)**

(١٣) پاڻ سڃاڻ، پريو پاءِ.
(١٤) وهم ۾ پرم پلاءِ، ايشور کي آڌار بڻاءِ.
(١٥) ڳلا آهي بلا پر منهين بلا !
(١٦) ايشور ئي ستيه آهي ۽ اَهم کي ڪابه اَهميت ڪانهي.
(١٧) چنتا آهي چِتا، انڪري چنتا بدران ايشور جو چنتن ڪر ته مُڪتي ملندءِ.
(١٨) سرشٽيءَ جي سرجڻهار کي سونهون ۾ سهايڪ سمجهه ته ڪڏهن به نه منجهندين.
(١٩) جهڙو اَن، تهڙو من. جهڙو سنگ، تهڙو رنگ، جهڙو پاڻي، تهڙي واڻي.
(٢٠) پاپن جو پڇتاءُ ڪر، اُڌار لاءِ ايشوري در کلي پوندءِ.
(٢١) جتي شردا آهي، اُتي شفا آهي.

# اِنسان هڪ عجيب پراڻي آهي !

اِنسان به هڪ عجيب پراڻي آهي ! ڇا توهان چاهيندا آهيو ته آسي-پاسي وارا ماڻهون توهان تي آڪرشت ٿين ! اگر اِها چاهنا توهان ۾ آهي ته توهان غلط ڪونه آهيو. توهان بيڪر ٿي وڃو. اسين توهان کي اهڙا طريقا ٻڌائينداسين جنهن سان توهان محفل ۾ سندر بڻجي سگهو. آڪرشت ڪرڻ جي لاءِ توهان جو سڀاءُ ۽ ائٽيٽيوڊ سنو هئڻ گهرجي. توهان پلي ڪيترا به سٺا ڪپڙا پايو. پر توهان جا ڪپڙا ڪنهن کي به آڪرشت نه ڪندا. توهان جو ائٽيٽيوڊ ئي خاص ڪري ٻين کي آڪرشت ڪندو. ڪجهه ڳالهين جو خاص توهان ڌيان رکو. ڪنهن پارٽيءَ ۾ اگر توهان وڃو ٿا ته اُتي توهان ٻين وانگر بيهي نه رهو. اڳتي وڌي پارٽي ڏيندڙ سان ملاقات ڪريو. ڳالهائڻ جو اِهو مطلب نه ڪي توهان ڪنهن به معاملي جي وچ ۾ ڳالهايو. يا وري بنا ڪنهن جي چوڻ تي توهان صلاح ڏيو. پهرين توهان اگر ڪنهن سان ڳالهايو ٿا ته توهان اهو نه سوچيو ته مان ڇو وڃان. هو پاڻ مون ڏي اچي. پاڻ وڃي پنهنجي سڃاڻپ ڏيو ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

---

**انڏو ڪري-منڌو ڪري-دل پيو نه ڪري چاهي ٻڪ مري.**

# ڀارت ۾ سنڌي ناريءَ جون ڪي سمسيائون ۽ انجا ڪي حل

- آشوڪ شرما (لکنو)

ڀارت جي اتهاس، ڌرم ۽ ساهتيه ۾ ناريءَ جئو درجو گؤروميه آهي. هر کيتر ۾ سندس يوگدان خاص ٿئي رهيو آهي. سنڌ جو اتهاس به انکان الڳ نه آهي. سنڌي ناري به هر ميدان ۾ اڳتي آهي. اڄ جي ناريءَ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ضرورت پوڻ تي جيون جي هر کيتر ۾ هوءَ بخوبي نڀائي سگهي ٿي. سنڌي ناري به هر کيتر ۾ عزت حاصل ڪري رهي آهي. شڪشا ۽ ساهت جي کيتر ۾ پوپٽي هيراننداڻي، اهدرا واسواڻي، مايا راهي، وينا شرنگي، ڪملا گوڪلاڻي ۽ ٻين کيترين سنڌي نارين واکاڻ جو جوڳو يوگدان ڏنو آهي. سنگيت ڪلا ۾ شانتي هيرانند، ڀڳوتي ناواڻي، ڪملا ڪيسواڻي، پارو چاولا، پدما گدواڻي جهڙيون ٻيون ناريون نالو ڪمائي رهيون آهن. ڊاڪٽر، انجينير ۽ واپار جي کيتر ۾ به سنڌي ناريءَ پاڻ موکيو آهي. ديش ڀڳتيءَ جي کيتر ۾ کيترين سنڌي نارين قربانيون ڏنيون آهن. جيون کي سکميه بڻائڻ ۾ ته ناريءَ جو درجو پرش کان به گهٽو متي مڃي سگهجي ٿو. پريم، ممتا، تياڳ ۽ سيواڀاو جي هوءَ مورتي آهي. ناريءَ بنا جيون اڌورو، نيرس ۽ اڀوڳو آهي. هوءَ سماج جي سونهن آهي. چيو ته ائين به ويندو آهي ته جتي ناريءَ جو سنمان آهي اُتي ديوتائون واس ڪندا آهن.

پر اهو سڀ ڪجهه هوندي به ناريءَ لاءِ ڪي سمسيائون آهن. ان جي راهه ۾ ڪي ڪنڊيون به آهن. جن جي ڪري سماج ۾ ڪڏهن ڪڏهن اڻوڻندڙ گهٽنائون ٿين ٿيون ۽ سماج جو چهرو داغدار ٿئي ٿو، سک شانتي خطري ۾ پئجي وڃي ٿي. لڙائي جهڳڙا ٿين ٿا. اهڪري ڪي ته ائين به مڃين ٿا ته ناري جهڳڙي جي جڙ آهي. ڪي وڏيون لڙايون ته برابر نارين جي خاطر ٿيون. رام راوڻ جي لڙائي، مهاڀارت جي

جڏهن به ڪو خراب خيال توهان جي من ۾ اچي ته اُن کي يڪدم ڪڍي ڇڏيو. جيڪڏهن توهان ائين ڪندا ته سچا ايشور ڀڳت ٿي پوندا ۽ مڪتي حاصل ڪندا.

# نفرت ميڻبتيءَ وانگر...

چوندا آهن تہ نفرت اِنسان کي ڪنهن حد تائين پيار جي اڳيا
ميڻ بتيءَ وانگر ڳاري ڇڏيندي آهي، نفرت ايترو وقت جهٽائڻ کو
ڪندي آهي جيترو وقت اُن کي پيار جي اڳيان ريجهائڻ ۾ لڳند
آهي. ٺيڪ اُنهيءَ ئي طرح سان شهر جو ماحول جيڪو سنو نہ ٿا چاهي
يا وري شهر کي برباد ڪرڻ ۾ هو لڳل آهي، جيڪڏهن اُنهن کي پي
جي ڏوڙ ۾ ٻڌجي هلبو تہ پوءِ هتي پڻ شهر جو سنو ٿيندو، شهر جو پ
ٿيندو. شهرواسي پڻ ائين چوندا تہ واھ جو اسان جو شهر آهي. صرف
ايترو آهي پاڻ ۾ ايڪو ڪري هلو. ڪرسيءَ جي لالچ هڪ ٻئي جي ٽنگ
کيچڻ جي ڪارڻ پنهنجا-پنهنجا دشمن ٿي پون، ڪرسيءَ جي لال
۾ اچي ڪري پنهنجن جو ئي خون وهائڻ پنهنجن کي ئي ڪيرائڻ
راڄنيتيءَ جي گندي کيل ۾ انسان اِهو پاڻ نٿو سمجهي تہ هو جيڪ
ڪري رهيو آهي، ڪنهن جي لاءِ ڪري رهيو آهي. راڄنيتيءَ جي
گندي شڪار ٿيل اُنهن شهرواسين کي پڻ خاص ڌيان طلب آٿجي ٿو
ڇا راڄنيتڪ ڪرسي ئي سڀ ڪجھ آهي، انسانيت جو رشتو ڪا
معنيٰ نٿو رکي پيو؟ انسان کي انسانيت جي ثبوت پيش ڪرڻ گهرجي
ان ڪري راڄنيتڪ ماڻهن کي اهو صاف هئڻ گهرجي تہ دشمن کي پ
دوست تڏهن ئي بڻائي سگهبو، ان کي پنهنجو تڏهن ئي ڪري سگه
جڏهن اُن کي اسان جي شهر جي لاءِ همدردي هوندي. ايڪ ٻنو، نيڪ ٻن

## هڪ ڏچ ماڻهوءَ جو بدلاءُ

هڪ سهڻي صبح ۲ مي ۲۰۰۱ مان پهريون دفعو مٿئين ماڙي تي ويس. اها جاءِ خاص سينگار
آهي جتي منهنجي ماءُ ۽ مانيلو پيءُ سائين بابا جي پوڄا ڪندا هئا. رات اڳ مان جام شراب پيتو
۽ سگريٽ ڇڪيا هئا پر پرارٿنا ڪانپوءِ مان ڇڪيءَ طرح محسوس ڪيو تہ مونکي سگريٽ ڇڪڻ نہ کي
۽ مان اهو سڀ ڪجھ ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ وري ڪڏهن بہ هٿ نہ لڳايو. ڪجهہ سال شراب پيئڻ چالو رهـ
پر آهستي آهستي، شراب ۽ جوئا گير مان بہ ڇاهہ هليو ويو. پهريون دفعو سائينءَ ۾ مان اُهو ڪج
لڌو جنهن مان مان سکي ٿيوس.

ieter Stolk (The Netherlands)

صبح جو ڀُلو شام جو گهر آيو تہ ڀُلو نہ سمجهجي.

سان تي گهڻو اثر آهي. ڌارمڪ سنسڪار ٻارن ۾ وجهڻ مدي خارج
لهه آهي. سنڌي پڙهڻ، سنڌي ڳالهائڻ ته ڇڏيو، سنڌي سڏائڻ ۾ به
ڪتائي محسوس ٿي رهي آهي. سٺ ستر سالن جا بزرگ به سنڌي نٿا
لهائين. ڪين سنڌيت جي ڄاڻ ڪونهي. نه انجي باري ۾ ڄاڻڻ چاهين
ته پوءِ ٻارن جو ڪهڙو ڏوهه چئبو ؟

سنڌي جواهه نندپڻ کان ئي پنهنجي پريوار جي مدد لاءِ ڏنڌي
لڳن ٿا. رواجي طور انهن جو فالتو ڳالهين ۾ ڌيان گهٽ ويندو آهي.
هڻ ۾ به روچي گهٽ اٿن. ان لاءِ سنڌي ڪنيائن کي سنڌن ويچار
جب ور گهر نٿا ملن. ان لاءِ يا ته وڏي عمر تائين انتظار ٿيون ڪن يا
ڪتا جي وهڪري ۾ اچي غلط رشتن ۾ ڦاسي ٿيون پون. عورت ته
اج جي جڙ آهي. جي سماج جي پيڙه ۾ ڪمزوري اچي ٿي ته سڄي
اج بگڙي ٿي. ڀوپال ۾ ڪنهن سنڌي نياڻيءَ غير ڌرم ۾ رشتو جوڙيو
ڪافي تناو پئدا ٿيو. ڇوڪرين تي ڪي بندشون وڌا ويا ته هو موبائيل نه
ي گهمن. اِسڪوٽر نه هلائين. وڏيڪ شڪشا نه وٺن. پر اهي بندش
هڻ مناسب نه آهن. اهڙين ڳالهين لاءِ فقط ڪنيائن کي ڏوهه ڏيڻ
سب نه ٿيندو. انهن ۾ سٺا سنسڪار وجهڻ، انهن جي سوچ، سنگت
نظرداري رکڻ اهو مائٽن جو فرض آهي. ڪوبه ماڻهو يا شيءِ پنهنجي
ي خراب ڪونهي. ان کي ماحول ۽ سنگت جي سٺي ملي ته بگڙيل به
ري سگهي ٿو. گرواڻيءَ ۾ چيل آهي -

**سو ڪيون مندا آکيي، جن جلي راجان.**

وڏا مائٽ يعنيِ ماءُ پيءُ، وڏا ڀائر جي ڌيرج سان نياڻين کي
جهائين، دوستاڻو رخ وٺي انهن کي غلط ۽ صحيح جو فيصلو ڪرڻ ۾
ڪندا ته سمسيا جو حل ٿي سگهي ٿو. نياڻين جي ڀاوناڻن جو به آدر
و ته هو به اسانجي ڀاوناڻن کي سمجهي اسانجو آدر ڪنديون. انهن
وشواس ڪرڻو آهي پر گڏوگڏ نظر به رکڻي آهي. سنڌي پئنچاتن
ڏائرو گهٽيل آهي. ميل جول به گهٽ آهي. ڪمايون ٿا جئين سکي

مون کي پنهنجو پاڪ هردي ڏيو. جيڪو مان
توهان کي امرت سان ڀري ڏنو هيو.

لڙائي برابر ناريءَ جي ڪري ٿيون. ان چوڻ ۾ ڪجهه وڌاءُ ته آهي
پرش جو اهم پڻ آهي. پرش ناريءَ جي ڪوملتا، تياڳ ۽ ڀاوڪتا جو
فائدو ورتو آهي.

اڄ سنڌي جاتيءَ کي خاص طور ڪنيائن جي شاديءَ جو وڏو
مسئلو پيدا ٿيل آهي. شاديءَ لائق سنڌي ڪنيائون وڏي عمر تائين
ڪنواريون وينل آهن. پڙهيل لکيل بڻجن ٿيون. انهن مان ڪي ته
پنهنجي لياقت ڪري پنهنجي پيرن تي بيٺل آهن. سنو ڪمائين
ٿيون پر انهن جي ڀيٽ ۾ سنڌي جوان ڏنڌي ڏانهن لاڙو وڌيڪ رکڻ
ڪري يا پڙهڻ ۾ چاهه گهٽ هجڻ ڪري گهٽ پڙهيل رهجي وڃن ٿا.
اڄ سنڌي ڪنيائون ماحول جي انوسار وڌيڪ سجاڳ ۽ پنهنجي حقن
ڏانهن وڌيڪ جاڻ رکن ٿيون. اهي چاهين ٿيون ته سندن هم سفر
گهوٽ به انهن جي لائق هجي. کين پوري عزت ملي. عورت سياءَ ڪان
ڀاوڪ آهي. عزت ۽ پيار ڏيڻ چاهي ٿي ته پيار ۽ سنمان پائڻ به چاهي
ٿي. ڪيس ۾ ڪٿي اگر پيار ۽ سنمان ملي ٿو ته هوءَ جاتيءَ جا ٻنڌن
ٽوڙي اتي رشتو جوڙي ٿي. ڪٿي ڪٿي ته غير ڌرم جا رشتا به جڙي
رهيا آهن. اهڙا مثال پلي ٿورا هجن پر اهڙا رشتا جاتيءَ ۽ ناريءَ لاءِ
خطرناڪ ثابت ٿين ٿا. اسان سنڌي وڌيڪ آزاد ويچارن جا آهيون.
ٻارن کي به آزادي ڏيون ٿا. پر ٻار ته ٻار آهن، خاص طور نياڻيون.
ٽي.وي.، موبائيل جو اثر ٻارن تي فائدي ڪان وڌيڪ نقصانڪار ثابت
ٿيو آهي. اسانجا ٻار ٽي.ويءَ تي ڇا ٿا ڏسن، موبائيل تي ڪنهن سان
ٿا ڳالهائين ؟ وري انٽرنيٽ تي هو ڪنهن سان ڪهڙيون ٿا ڳالهيون
ڪن، مائٽن جو ڌيان مشغوليءَ سبب ان طرف گهٽ آهي. نتيجو اگرو
پيو ٿيندو وڃي. گذريل ڇئن پنجن سالن ۾ فقط لکنوءَ جهڙي شهر ۾
سنڌي ڪنيائن غير ڌرم ۾ شادي ڪري ويون آهن. نتيجا ٻڌائڻ لائق
نه آهن.

سنڌي ائين ئي واپاري جاتي ليکي ويندي آهي. سڄي ڀارت ۾
نه ڇا پر سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهي. يورپي سنڪرتي، يورپي ٻوليءَ جو

Compassion is hallmak of Bhakti

ڀڳتي جي نشاني ديا آهي

اَمر ڪاريہ ڪندا جي - سئلاني اَمر چو نہ ٿيندا ؟
ڳڻن گيان، سُڪرم صدقي - سنسار مان ٽيڪي ساڻ نيندا...
سنڌيت جو شيدائي سدا حيات شاعر سائين پرسرام ضيا
مري ٿيو نہ مات

# ذات جهڙي بي دولت ڪانهي

قلمبند - ڏيپچند اوڌارام سئلاني، ماڌونگر (ڪٽني) - ١٧٨٣٥٤

اِنسان سهڻو سو سئلاني - گياني ۽ ڳڻوان آ،
ڪارو هجي، رنگ سانورو - پر ڳڻ سندس پرڌان آ.

وسارڻ سان نہ وسرن ٿيون - پرسرام ضيا جون شاعريون،
سدا ياد سي رهنديون - روحاني عشق جون ساريون.

مزا جي عشق جي شاعريءَ ۾ - ضيا جو راز روحاني،
چندر سمجهو هو ضيا ۾ - آهي ايشوري ذات سئلاني.

ضيا جا گيت چندر ڳائي - تي ويا مشهور بئي دلبر جاني،
ڇڏي ويا ڇپ ڇاپ دنيا تي - امر ٿي ويا آهن سئلاني.

ضيا جا گيت چندر ڳايا -

١ - مان هنڪي وٺا - هو مونکي وٺي - اهڙو نالو سپ سان، شال بٺي،
مون تہ پيتو پريم جو پيالو - جنهن ڪيو مونکي آهہ متوالو،
آهي عشق جو رنگہ ضيا نرالو...
جيڪي چندر گيت ڳايا - چندر چيو تي ضيا لفظ...

٢ - تنهنجي چائنڻ تي پيو آهيان - پوئي ڪو مَنَ ترسُ مان ضيا
مجبور آهيان، روح جو تو سان رکيو ؟

٣ - دما دم مست قلندر، سيوهڻ جا شهباز قلندر،
هن گيت، سنڌين جو سنگيت ۽ تهذيب سڄ هندستان ۾،
سنڌين کي مشهور ڪيو آهي... ضيا جي شاعري اسان جي دلبن ۾
سدا ضيا جي يادگيري ڏياريندي، مقبول شاعر هو.

---

ايشور کي توهان جي سيوا جي ضرورت نہ آهي-
انسان جي سيوا ئي ايشور جي سيوا آهي-

رهي سگهون، عزت جي زندگيءَ جي سگهون. اهو ڏن ڪهڙي ڪم
جو تَن مَن گهايل ڪري.

اسين سنڌي آشاوادي آهيون. ڌرم ڪرم جو خيال رکون ٿا.
وقت انهن ساماجڪ سمسيائن تي ڏيون. ٻارن سان گڏ رهون. اُنهن
گهرجن کي ٻُڌجي ۽ واجب گهرجون پوريون ڪريون، غير مناسب
هرجن تي کين سمجهايون. پنهنجي سنسڪرتيءَ جي کين ڄاڻ ڏي
نتيجو سٺو نڪرندو. ڪندو اسانجو جهولڻ ڪرپا. سنڌي قوم آباد ر
آهي ۽ رهندي.

جئه جهولي لعل.

---

# اڄ ڪوڙن جو بول بالا آهي !

١- سچ چوڻ جو زمانو ناهي،
اڄ ڪوڙن جو بول بالا آهي.

٢- ماڻهون ساڳي، مهاندا ساڳيا،
مُنهن تي نڪلي نقاب،
دل ۾ انهن جي ڪارهه آهي، ڪوڙن جو بول...

٣- اندران مڪڙي ٻاهران ٻي،
سمهڻ اُنهن کي مشڪل آهي،
اڄ ڪوڙن جو بول بالا آهي.

٤- لوڏ لکن جي، ڳالهيون ڳاتي پڳيون،
ڪيسي ۾ ڪين هوندن ڪا پائي،
شل اهڙن کان الله بچائي،
اڄ ڪوڙن جو بول بالا آهي.

٥- 'داس' وچ توُن وات نياري،
پلجي نه ڪجهه اهڙن سان ياري،
سچ چوڻ کان ڪين ڊججانءِ،
توڙي ٿي سيڪاري، ڪوڙن جو بول...

- ڇبلداس ملاڻي 'د

---

ايشور جو هر ڪاريه نيڻو يا وڏو انسان ذات جي ڀلي لاءِ آهي. هڪ گپت شڪتي آهي
جيڪا سڀ ڪجهه ڪري رهي آهي.

ڪلناٽي ۽ ڪلڪتي جي سنڌي ائسوسيئيشن جا ميمبر صاحب.

وشال سيا جي ساليانين ميڙ ۾ چٽڪ سنڌيت جو درياه اڏلي پوندو هو. جن ڏٺو آهي ۽ حيات آهن سارا هه جون سرڪيون پرين ٿا. مڙني ماهر ليکڪن ۽ عظيم شاعرن ۽ سنڌيت جي شيدائن هڪ دور ۾ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو واهر وسيلو هو.

مٿي بيان ڪرڻ جو منهنجو مقصد آهي ته شري ضيا صاحب پرسرام به عظيم شاعرن ۽ ليکڪن جي هيرن جي مالها جو هڪ روشن منار چمڪندڙ مڻيو هو، جيڪو پاڪي ۽ مانيور پوري خاند جو نالو ۽ شان امر ڪري ويو.

شري پرسرام ضيا صاحب جي ڪلام ۽ گيتن کي ماستر چندر آچاريه جو مڌر سُر ۽ آوار مليو. سائيي وقت آچاريه چندر کي ضيا صاحب طرفان گ يت غزل ملندا رهيا. چندر جي دل وٺان هيا - ماستر چندر آچاريه اه غزل ۽ گيت وڏي اُتساه سان ڳائي ماڻهن جون دليون چڪيندو هو. اهڙيءَ طرح ٻئي بهترين ڪلاڪار سنسار ۾ امر پدوي پائي ويا.

ضيا صاحب ثابت ڪيو ته ايشوري ڏات جهڙي دؤلت ڪانهي.

مٿين دليل لاءِ اتهاس به ثابت ڪيو آهي ته -

شاه صاحب، ستگرو نانڪ ديو، ڀڳت ڪنوررام صاحب، (هري موٽواڻي، معمولي وديا ورتي) بلڪل اٽپڙهيل هئا. ڏات صدقي دلين جو اندڪار دور ڪري اُجالو پيدا ڪيائون. ضيا صاحب جي چوٽي سورهان آنا سچي ثابت ٿي آهي...

ڪي مري ويندا آهن ته سندن ڀڇڙين عادتن، ڀڇڙين ڪرتوتن، ڀڇڙي وهنوار ڪري پنهنجا به ڪونه روئندا آهن. ضيا صاحب (آچاريه چندر) لاءِ ڏارين جي دلين کي به صدمو رسيو ۽ اڄ تائين شاعرن ڪلاڪارن جا نالا عام جي زبان تي آهن. ضيا صاحب پنهنجو اتهاس پاڻ ٺاهي ويو.

جيسن سج چنڊ تارا - چمڪندا آسمان،
ضيا صاحب جا ڳائڻ ۾ ايندا - ڳڻ، سڦلاني ڪلا ۽ گيان.
ضيا صاحب جي جيون تي، لکجي ڪهاڻي ڪيڏي به لاثاني،
برابر بوند هڪڙي جي، ٿيندي پاري برسات سڦلاني.

اڄ جا ڀڳت پارٽ ٽائيم يعني آنشڪ ڀڳت آهن. هڪ پل هو ڀڳت آهن ته ٻئي پل هو ڀوڳي يعني دنيوي اڇائون رکندڙ آهن. هو ڏنگا ۽ لڄ آهن. هو سوامي جي ظاهري حاضري ۾ نهٺائي ۽ رحمدلي ڏيکاريندا آهن. ڀر جڏهن پري هوندا آهن ته بلڪل بدليل هوندا آهن. ان کي ڀڳتي ڪانه چئبو. اهو پاکنڊ آهي.

٢- ضيا جو گيت چندر ڳايو -

سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون - اِهي تير نہ پل پل هڻ تون،
چڱ هاڻي ضيا وِل چل تون - سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون.

ضيا صاحب نہ اسڪولي وديا ۾ وڏو ودوان هو نہ ڏنوان ٿيو. گڻن
ذات جو چشمو هو. هن کي اکين ۾ روحاني روشني هئي. هو صاحب ب
نماڻو، سادگيءَ جو سروپ، چريتروان، سنڌي ڀاشا جو پروانو هو.

جڏهن ڪوبہ ماڻهو ڪانئس سندس نالو پڇندا هئا تہ نماڻائيءَ
چوندو هو : ”داس جو نالو تہ پرسو آهہ پر ماڻهو پرسرام ضيا ڪري چ
آهن. سوال هو، ضيا جي معنيٰ تہ ڪري ٻڌايو. جواب، چوندا هئا تہ
معنيٰ روشني. ضيا تخلص آهي.

سندس جهڙو تخلص روشني، تهڙو ئي روشن ٿي ويو جهان،
چندر سندس سهڻو ساٿي، سوبہ سڻائي هرهڪ زبان.

ضيا صاحب -

هو صاحب شاعريءَ ۾ ايترو تہ ماهر هو جو ڪنهن اسڪول
پرنسيپال گهرائي ڪيس ڪن سامي‌ءَ جي سِلوڪن جي معنيٰ بارن
سمجهائڻ لاءِ آگاهہ ڪيو تہ سلوڪن جو مطلب بہ شاعريءَ ۾ سليس لفظ
سمجهايائين.

---

اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ساهتيہ سڀا جا مکيہ بانيڪار هئا : ڪ
ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، آسر اُتمچنداڻي (اُتم) ۽ پوپٽي هيراننداڻي...
جنم وڏو تاثير آهي -

هنن جي سڏ جي تاثير تي ٧٦ مکيہ سنڌيت ۽ سنڌيي ٻولي
ڀهوڳڻ ضيا صاحب سميت ڇڪجي آيا...

اُلهاسنگر مان - سرو شري پرسرام ضيا، سلامتراءِ پرسواڻي،
ڪلپنا، ايشور آنچل، هرچند اجهل، ارجن سڪايل، پرچو وديارٿي،
جوت ”گوگيا“، هري پنڪج وغيره.

بمبئيءَ مان ١٦، اُڏيپور احمدآباد مان ١١، دهليءَ مان ١٠،
مان ٤، اجمير مان ٩، ناگپور مان ٥، بئنگلور مان ٣، ڪلڪتي مان

---

ايشور کي سڀ ڄاڻ آهي ڪنهن کي ڇا ڏجي، ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪيئن ڏجي. انکري پنهنجو فرض
پاليو ۽ بنا ڊهڻ جي توهان تي ايشور جي مهر جي ورکا ٿيندي.

# آمان چولي واري

- پهلاج ''مسافر''

پاسي ٿو سنڌو مٽيءَ جي ڪڻ ڪڻ ڪي، ذري ذري کي ڪو اھڙو وَر مليل آھي، جو جيڪو بہ اِن مٽيءَ کي مستڪ لڳائيندو، اِن جي گود ۾ کيڏيندو، سنڌوءَ جي امرت روپي ٿڃ پيئندو؛ سو شڌ من، دويہ درشٽيءَ جو مالڪ ٿيندو. صرف سڪ، شرڌا ۽ سنيھہ جي ضرورت آھي. توھين ڏسندا سنڌ جي ننڍي ننڍي ڳوٺ ۾ ڪيتري ۾ اھڙا پريو پڳت پئدا ٿيا، جن پنھنجو تہ جيون سڦل ڪيو پر لوڪ ڪلياڻ ۾ پڻ آنند پاتو. ھند ۾ جيئن ميران سڀ ڪجھہ تياڳي لوڪ لاڄ کي درڪنار ڪري ڪرشن ڪرشن جي پريم ۾ متوالي ٿي، تيئن پلا سنڌ جھڙي پويتر ڀومي بہ ڪيئن خالي رھي سگھي ٿي. اِنجي گود پڻ اھڙين وِيوتين کان، ھستين کان خالي رھي نٿي سگھي. مان ھت اھڙيءَ ھستيءَ جو ورڻن ڪرڻ چاھيان ٿو، جنھن پڻ لوڪ لاڄ کي درڪنار ڪري پنھنجو پريو تريو سنسار ڇڏي وڃي پنھنجي مرشد جي چائنن پڪڙي ۽ اڳتي ھلي امان چولي واريءَ جي نالي سان پرسڌ ٿي !!

سنڌ ۾ جيڪب آباد ضلع ۾ ڪنڌ ڪوٽ مشھور آھي ۽ اِن ڪنڌ ڪوٽ جي پاسي ۾ ھڪ ننڍڙو ڳوٺ ھوندو ھو ''گھوس پور.'' جنھن ۾ مشڪل سان سوَ کن گھر رھندا ھئا. اُتي بہ ھڪ ٺڪاڻو ھيو بابا غريب داس جو. چوندا آھن تہ بابا غريب داس پڻ الله لوڪ، رِڌي سِڌيءَ جا مالڪ، سيوا جي مجسم مورت ھئا. جھڙو سندن نالو ھئو غريب داس، اھڙي ئي غريبن جي سيوا ۾ آتمڪ آنند پائيندا ھئا. سندن ٺڪاڻي جي پرسان ئي رھندا ھئا ''ڪوڙومل ٺاراڻي'' سندن ڌرمپتني پين ٻائي ۽ لاڏلي ڌيءَ ايشان ديوي. ايشان ديوي اڃا اٺن نون سالن جي ھئي. سونھن ۽ سلوڦت واري ايشام ديويءَ جي من ۾ پريو پڳت، ايشور اُپاسنا، ننڍي وڏي لاءِ پيار ۽ عزت ڪوٽان ڪوٽ پريل ھئي. صبح جو سوير پرھہ ڦُٽيءَ جو پاءِ غريب داس جي گھنڊ جو آواز گويا ڪيس چوندو ھئو ''اُٿي سويرو ڪر من سمرن- تڏھن تہ پائيندين نام رتن ڌن'' ۽ اِن نام رتن ڌن جي ڳولھا ۾ ٻالڪي ايشان ديوي

ضيا صاحب سخت محنتڪش هو. هن صاحب پلي پانت جا
بنا محنت ڪشالي جي، سئلاني ٿڻ سلطان مشڪل آ !

مان نہ شاعر، نہ ليکڪ - نڪي آهيان ساهتڪار،
شبد ڪهڙن ۾ لکان - سئلاني سندس ساراه جو اظهار،
تنهنڪري معافي طلبگار - آهيان اوهان جي در تي ؟

- شرڌا جي قولن، شڀ ڪامنائن ۽ پرڻام سان : -
ناچيز ڏيپچند اوڌارام سئلاني، ماڌونگر (ڪٽني)، ايم.پي. - ٠٤



# سماج شيوا

هرهڪ نؤجوان کي اِها ڳالهہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جنهن سماج ۾ هو ڄائو آهي ۽ اُن مان هن گهڻائي فائدا ورتا آهن، تہ سندس بہ فرض آهي تہ سوچي تہ هو سماج ڏانهن ڪيئن شڪرگذاري ظاهر ڪري. هر اِنسان کي سماج جي نِسوارٿ شيوا ڪري، پنهنجي شڪرگذاري ظاهر ڪرڻ گهرجي. اِن سبب ڪان ئي سيوا-سنسٿا شروع ڪئي ويئي آهي. پر هت بہ سيوا-سنسٿائن ۾ ماڻهو نسوارٿ شيوا ۾ نہ، پر پنهنجو نالو ۽ ناموُس وڌائڻ ۾ لڳل آهن.

آسانکي هي شرير سماج شيوا لاءِ مليل آهي. اَڄ توهان ڪيڏانهن بہ نهاريو، نہ حڪوُمت ۾، دُنيوي ڌنڌن ۾، سياست ۾ يا ڪنهن بہ کيتر ۾ توهان تياڳ پاونا ڪونہ ڏسندا. هر کيتر دوشِتِ تي ويو آهي. اِها گندگي هتائتي آهي. اِها گندگي عملدارن ۾، مائٽن ۾، تعليمي کيتر ۾ يعنيِ سيني هنڌ ڦهليل آهي. جيڪي پاڻ کي وڏا ودوان ڄوائين ٿا، اُنهن ۾ ٿوري بہ نهنائي نہ آهي.

سمائجي ويو. تڏهن هن کي وري پراڻي ياد بابا غريب داس جا ڳيند ڳهڙيال ۽ بابا هرداس رام جو نپو ''رحمي رحم ڪر'' ور ور ڪري هندي ذهن ۾ اُيرڻ لڳا ۽ پنهنجي محبوب کي پائڻ لاءِ بيچئن ڪرڻ لڳا. تڏهن هيءَ متوالي ميران سنساري چڪر کان مڪت ٿي، موهه ڪٽي اچ جلدي پهتي، جتي بابا هرداس رام جن براجمان هئا. سندن چرنن ۾ سِر جهڪائي پنهنجي آنسن سان بابا جي چرنن کي ڌوئڻ لڳي. بابا پنهنجي يار جي تار ۾ مست هئا. اچانڪ هيءَ روئداد ڏسي بابا پڻ هڪوار ته سمجهي ويا ۽ سندس پنيءَ تي هٿ رکيو چيو، امان ! تون وڃ پنهنجي گهر وڃ ۽ ڊبرا ۾ پورڻ سنگهه جي دربار جي سيوا ڪر. جيئن ئي مؤزون وقت ايندو اسان توکي گهرائيندا سين. امان به بابا جي وچنن کي ايشوري الهام سمجهي سندن وچنن جو پالن ڪيو ۽ ڊبرا ۾ اچي سيوا ۾ لين ٿي ويئي !!

١٩٧٧ ۾ بابا هرداس رام هن ناسونت سرير کي ڇڏي برهم لوڪ ۾ لين ٿي ويا. بابا هرداس رام کي سرير تياڳڻ جو سماچار ڊبرا ۾ آڳ جيان ڦهلجي ويو. اِها خبر ٻڌي ايشان ديوي زارون زار روئڻ لڳي ۽ بابا جي مورتيءَ کي سامهون رکي مخاطب ٿي چوڻ لڳي، ''هيءَ ريت سنپرشن جي نه آهي، توهان جو مون سان واعدو ڪيو هو، مؤزون وقت تي اسان توهان کي گهرائيندا سين ! ڪٿي آهي توهان جو واعدو ؟ هينئر يا ته مونکي جلگانوَ ۾ گهرايو يا پاڻ وٽ گهرايو !'' مان هن سنسار مان بيزار ٿي چڪي آهيان ۽ ائين چئي وري زارون زار روئڻ لڳي. تڏهن ڪيس اندر مان آواز آيو، ''امان ! سنت ڪڏهن به واعدي خلافي نه ڪندا آهن ! هوُ مرندا به ڪين آهن !! پنهنجي جوت جو تجلو ڪنهن نه ڪنهن ۾ سماهت ڪري ويندا آهن. تون جلگانوَ وڃ، گيلارام به جاٽي جاٽٺار آهي، تون ڪيس چِتائي ڏسندينءَ ته توکي اِن ۾ منهنجو روپ ئي نظر ايندو !'' ايترو ٻڌي ايشان ديويءَ پنهنجا آنسون اُگهيا. سندس تصوير تي متو ٽيڪيو ۽ چيو اسان اگياني اِنسان آهيون. بابا معاف ڪر، بابا معاف ڪر، بابا معاف ڪر !!

١٩٨٥ ۾ بابا گيلارام ڪيس ور ڏنو، اچ ڪان تون جڳ جي امان سڏبينءَ ۽ وڃ وڃي اسانجي هردوار آشرم جي شيوا ڪر. امان به اُتي ڏاڍي چوچ سان

---

**ڪتي جو پيهه ١٢ معنا نڙ ۾ وجهه پر ڪيڏن ڪانپوئي سا ڳيوئي ٿي ليڙو.**

سنان پاٹي ڪري ضروري حاجتن کان فارغ ٿي، روز نت نيم سان ٽڪ
وڃي گرو گرنٿ صاحب کي مٿو ٽيڪي، ٿامي جي لوٽيءَ مان امرت
ڪڙاه پرساد وٺي گهر اچي سڀني کي ڪڙاه پرساد ڏيندي هئي. ڇ
آهن، هڪ دفعي بابا هرداس جن رتن ڪندي سائين غريب داس جي ٽڪ
۾ آيا. ٻالڪي ايشان ديويءَ کي جيئن بابا جي پڌارجڻ جي خبر پيئي
ڊوڙندي ٽڪاڻي ويئي ۽ بابا هرداس رام جن جي درشن سان نهال ٿي پ
۽ هنجي اندر مان آواز آيو، ”ميري تو بابا هرداس رام، دوسرا نہ ڪوئ
۽ سڄ پڇ سندن ديواني ٿي پيئي. بابا جن جا چرس اِسپرش ڪري
جهڪايو. بابا بہ هٿ ۾ رکيل نپو ”رحمي بابا رحم ڪر“ سندس فراڪ
ڇپي ڇڏيو !!

ٻالڪي ايشان ديوي هينئر جوانيءَ جي دهليج تي قدم رکي چ
هئي. سندس سونهن جي هاڪ چوطرف ڦهلجي رهي هئي ۽ اهڙي و
هڪ نوجوان بارونامل داداڻيءَ جو رشتو هن ٻالڪيءَ لاءِ آيو. اُن وقت ه
سنڌ جي الڳ ٿيڻ جو ذڪر پڻ ڪنن جا پردا ڦاڙي رهيو هئو. اهڙين حا
کي ڏسندي ۽ ور بارونامل جي شڪل شبيهہ ۽ چال چلن کي ڏسندي، ڪ
مل ۽ ڀين ٻائيءَ کي رشتو پسند آيو ۽ هنن بہ چٽ مڱڻي پٽ ووا ڪ
پنهنجي ٻالڪيءَ جي شادي بارونامل سان وڏي ڌام ڌوم سان ڪرائي ڇ
اِن بعد جلد ئي سنڌ ۾ هڪ وڏو طوفان آيو. هند ۽ سنڌ جي ورهاڱي بٽو
هن ڪٽنب کي پاڙان پٽي هندستان جي مهاراشٽر جي ڌامن ڳانوَ ۾
ڪيو. وطن کان وڇڙڻ ڪٺو ڪٺو ٿي سنڌي سڀ ڪجهہ وڃائي ويٺا. پنهن
آن-بان بچائڻ لاءِ ڪٺمين جي نرڪ-ميہ جيون گهارڻ لاءِ مجبور ٿيا.
ايماني سنڌن اهڙي زندگي گهارڻ ڪڏهن بہ قبول ڪين ڪئي ۽ جلد ڪئ
جي نرڪ-ميہ جيون کان پاسو ڪرڻ لڳا. پنهنجي وٿ، واپار، محن
دماغ جي پروسي پارت ۾ ڦهلجي ويا. هن ڪٽنب پڻ ڌامن ڳانوَ جو د
ڇڏي ڊبرا لو ڊيرو ڄمايو.

۱۹۷۳ ۾ ايشان ديويءَ کي زبردست صدمو رسيو، جنهن هنجي ج
۾ اُٿل پٿل آندي. سندس پتي هن فاني دنيا کي الوداع ڪري اگم اگ

---

**ڇڱائي ڇٽ سان ڇٽ ڦيري هٿنڌ پٽ سان.**

બિરી થ્યમે

કેરે આશ જો તુંહિંજે દર અચે
સચ જી પુજાંયી થી શહિનશાહ.

~~પાંહિંજી~~ મુતે - મદર કર, બાબા બાશકર.

~~સેવે તુંહિંજે દર સવાલી અચન~~
~~અચી તોખા આશીષ વઠન.~~

~~ઓદે દર શહિનશાહ તો કુદા જો -~~
~~અચી પાણ તૂં કા નજર કર~~
~~પાંહિંજી મદિર કર બાબા બાહા કર~~

~~રે બધી બાંહૂ તો દર કયાં અરજી~~
મૂંએ મિંચ મુંહિંજી ધિયે રખી
અંચે વેલ તૂં મથાં ઓસતો.
અચી પાણ બાબા પાર કર.
~~પાંહિંજી~~ મુતે મદિર કર બાબા બાહાસ્કર

سيني جي دل ۽ جان سان هڪ ماءُ جيان ممتا پري سيوا ڪرڻ لڳي
ياترين جي اهڙي تہ پر گهور لهندي هئي جو سڀ ياتري کيس امان
پڪارڻ لڳا. ائين ايشان ديوي جڳ جي امان بڻجي پيئي !

١٩٩٢ ۾ بابا گيلارام کيس رائپور جي ديوَپوري دربار سنيا
آگيا هئي. امان بہ آگيا جو پالن ڪندي اچي ديوَ پريءَ ۾ ديرو ڄماي
امان کي دويہ درشتيءَ جو درشن ٿيو. پورا چار سال مؤن-ورت ڌارڻ
تپسيا ڪئي. پنهنجي سرير جي پرواهہ نہ ڪري، سينڌ ۽ سرمو وسار
بہ پنهنجي يار جي تار ۾ لين ٿي ويئي. سندس وار جٽائن جو روپ
ڪرڻ لڳا ۽ ائين امان جي ساک ڏوراهن ڏيسن ۾ ڦهلجڻ لڳي.

١ جوُن ٢٠٠٦ تي امان جي طبيعت خراب ٿي. امان سيني
موڪلائڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي مان بابا هرداس رام ڏي وڃي رهي آهيان
کي اسپتال کڻائي ويا ڦڪين فرق ڪين ڪيو. ڊاڪٽرن جواب ڏنو
جڏهن اِهو سماچار ٻڌو، امان کي ڏٺو، منهنجي اکين اڳيان بہ
ڇانئجي ويو، تڏهن مون من ئي من ۾ بابا گيلارام جو سمرن ڪندي
مخاطب ٿي چيو، بابا اوهانجي آگيا انوسار مون ٤ جوُن رائپور ۾
سميلن رکيو آهي ۽ سيني جي رهڻ ۽ رسوئيءَ جو بندوبست ديوَپوري
۾ ڪيو آهي، جي امان کي ڪجهہ ٿي پيو تہ اسان جو ڪوي سميلن
ڪيئن لڳندو. اوهين تہ ڄاڻي ڄاڻڻهار آهيو. تڏهن بابا مسڪرائي
تون ڪو اُلڪو نہ ڪر، اسان کيس ستن ڏينهن جو جيوَن دان ڏيون ٿا
پنهنجو ڪاريہ ڪرم شانت چت ٿي سڪ ۽ سيوا لڳن سان مناءِ ۽ ائين
برابر ستين ڏينهن جوُن ٢٠٠٦ تي سرير تياڳيو ۽ وڃي پنهنجي مرشد
ملي !!

## جهولي لال جو هڪ هزار جنم سال، مها اُتسوُ

اسـ ... ين جي اَشٽ ديو- جل ۽ جوتين واري 'امر اڏيري لال' جو جنم ڏينهن- چيٽي چنڊ تي نہ صرف ڀارت جي
شـ ... ستين، ڳوٺن ۾ جتي جتي بہ چار سنڌي رهن ٿا. پر هند ڪانسواءِ پراچين سنڌ، دبئي، هانگ ڪانگ، ل
آ... ڀڪتا ... جتي بہ چيٽي چنڊ جا ميلا لڳايا وڃن ٿا. اتي سن سال خاص طور وڏي پيماني تي ايڪتا جو مثال قائم ڪ
ا... - وير- ورود ۽ ساز ڪان ڪنارا ڪشي ڪندي سيني سنڌين کي ملي. جهوليلال هڪ هزار جنم سال' ملهائڻ ڪ
نفرت ۽ حيوانيت واري غير اِنساني دوُر ۾ جهوليلال جو صوفيواد جو سڏ هيس. پيار ۽ اِنسانيت جو سنديش- هندو، مسلم
ڪا... مائي، چڙهي، 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' جو سنديش پارتواسين ۽ پارليامينٽ ۽ اسيمبلين جي ميمبرن تائين، دائود
لادبن، مشرف نائين پهچائڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪرڻ ضرور گهرجي. ان ئي مقصد کي ساپيا ڀلائڻ لاءِ جمالي
جـ 'جنم جهوليلال' فلم لکين رپيا خرچي. خاص سنڌ ۾ پڻ شوٽنگ ڪري مڪمل ڪيل آهي. جا هڪ هزار جنم سا
مـ... ن تواريخي موقعي تي هر سنڌي گهر ويلي ۽ ٽليگرر ۾ ڏسندو.
ملن جـ

پوندا، جيئن هو پرشاسنڪ پد تي مقرر ٿي سگهن. ٻيو اسان سنڌين ۾ ڇوڪريون پڙهن ٿيون، ڇوڪرا گهٽ پڙهيل آهن. اها ڪمي ٻه دور ڪجي.

سنڌي جاتي پنهنجي سمسيائن تي پاڻ سوچي. اتر ڀردين سنڌي سڀا، اکل ڀارت سنڌي سڀا، ڀارت سنڌي ٻولي پرچار سڀا، سنڌي ڪائونسل جا اڌڪاري گڏجي ويهي سنڌي سمسيائن تي ويچار ڪن. اُنهن کي حل ڪرڻ جا اُپاءَ سوچين ۽ ڪي قدم کڻن. ائين سنڌي سماج اگر هاڻ ويچار نه ڪندو ته هلڪو سُستيءَ وارو زهر پي پي ڪري هو ختم ٿي ويندو. اِهو سچي دنيا ۾ اسانجي ننڍي پيڙهيءَ لاءِ گهور اَنياءُ ٿيندو. ننڍي ٿهيءَ کي سنڌ ۾ سنڌيت جي ڄاڻ ڪانهي. بزرگ پيڙهي ٽڪل آهي. باقي ڇٽن ديوارن ۾ ويهي اسانجا ودوان سيمينار ڪن، هڪ ٻئي جي پاڻ تي واڌايون ۽ شاباس ڏين يا سال ۾ هڪ دفعو گڏجي سنڌيت جو ڏينهن ڇيٽي چنڊ ملهائين، اهو سٺو ته آهي پر ڪافي ڪونهي. پنهنجي سنسڪرتيءَ جي بچاو لاءِ ڪي انقلابي قدم کڻڻ ضروري آهن نه ته سنسار جي پراچين سنڌي جاتي، ويدن کي رچيندڙ جاتي ائين بيموت مري ويندي. پر ائين ٿيندو ڪونه. ڪندو جهولي لعل ڪي جوڏا جوان هيمون ۽ هوشو جهڙا بلداني، رام پنجواڻيءَ جهڙا جنوني، ڏاهرسين جهڙا وير، ڀڳونتي ناواڻيءَ ۽ ڪملا ڪيسوڻيءَ جهڙيون اتساهه ڦوڪيندڙ قومي گايڪائون وري پئدا ٿينديون جي سنڌيت جي ٻيڙيءَ کي ڪاميابيءَ جي ڪناري پهچائينديون. اسانجي سنڌي جاتيءَ جو روپ گل ضرور وري مهڪندو. شاهه صاحب فرمايو آهي ته -

ماندي ٿيءُ نه مارئي، اَللهه ٻه آهي،
سو ورهين جا ڏکڙا هڪ لحضي ۾ لاهي.

آهڙو ئي آهي سائين پنهنجو سُپرين. پر سائين ٻه اُنهن جي مدد ڪندو آهي جي پاڻ پتوڙيندا آهن.

سائين گهڻو سڀاجهڙو، پر تون ٻه ٿيءُ اَگيري،
متان ڇئي بلوچ ته ڪميڻيءَ مان ڪجهه نه ٿيو.

جئه سنڌي، جئه ڀارتي

**زال کي اگر پيار تو ڪرڻ چاهين ته هنجي ٻارن کي پيار اول ڪر.**

پرانت فقط پنهنجي لاءِ ئي سوچي ٿو. پنهنجي ڪٽنب، پنهنجي پارٽي
پنهنجي جاتيءَ ۽ پرانت لاءِ سوچي ٿو. هر ڪا پارٽي سوچي ٿي ته ڪهڙ
ورگ، ڪهڙي مذهب جا سنگهٽت ماڻهون ڪيس چونڊڻ ۾ ووٽ ڏيئي
راڄ جي سنگهاسڻ تي ويهاريندا. پوءِ اُنهن جون ڏرم وروڌي، ديش وروڌي
ڪاروايون بہ معاف. اُنهن جون غير واجب گهرون بہ قبول. هو ڏوهہ ڪن
تہ بہ معاف. ملڪ جي خلاف سازشون ڪن، آتنڪوادي حملا ڪن تہ ب
هو ديا جي لائق. اهڙي مَنورتي ملڪ ۾ اَلائي ڪهڙو ممڻ مچائيندي؟
اسان سنڌي تہ ديش جي ڀلي جي لاءِ جان ڏيندڙ، اهڙيون ناپاڪ ڳالهيون
چا ڄاڻون. جو ٺلهي خوشامد ڪري ان کي ووٽ بہ ڏيون، نوٽ بہ ڏيون
نہ انهن کان پارٽي ٽڪيٽ گهرون، نہ هو اسانکي چونڊڻ وقت ٽڪيٽون
ڏين. اسان جا ڪي ورلي سنڌي وڏان سيا يا لوڪ سيا ۾ پهچن. پهچن
بہ تہ وفادار ان پارٽيءَ طرف. سنڌي جاتيءَ جي ڀلي بري جو آسرو رام تي
اهو رَويو بدلڻو پوندو. ملڪ جي لاڀ سان گڏ جاتيءَ جي ڀلي جو
بہ سوچڻو پوندو. پنهنجي جائز حقن جي گهر ڪرڻي پوندي. نہ ملن
تي قانوني توڙ لڙڻو پوندو. ڪي غير واجب گهرون نہ ڪريون، پر واجب
حق تہ ملي. ديش جي ڇهن پرانتن ۾ سنڌي اڪاڊميون اهن. دهليءَ
کي ڇڏي ڪنهن بہ اڪاڊميءَ کي پوري گرانٽ نٿي ملي. اترپرديش
اڪاڊمي سالن کان ٺپ پيئي آهي. تازو اترپرديش جي وڏان پريشد
جي سنڌي ميمبر شري موهن لعل ڪٽر اهو سوال اُٿاريو پر ڪوبہ جواب
نہ مليو. اترپرديش ۾ ١٢ لک سنڌي آهن. ڪڏهن ڀل ۾ بہ ڪنهن
پارٽيءَ ڪنهن سنڌيءَ کي منتري منڊل ۾ جڳهہ ڏني هجي مثال ئي
ڪونهي. ڪو سنڌي لائق ئي ڪونهي ڇا؟ ڪو سنڌي ساهتڪار ئي ڪون
آهي ڇا جو ڪيس انعام ڏنو وڃي؟ ادل اسان پنهنجو قدر پاڻ نہ
ڪندا سين تہ پوءِ ٻيو ڇو ڪندو؟ ان لاءِ سنگهٽت تہ ٿيڻو ئي پوندو. ڏن
... ڏ راڄنيتڪ بہ ٿيڻو ئي پوندو. ڏن سان گڏ راڄنيتڪ پد لاءِ بہ ضروري
... ونش ڪجي. سنڌي پڙهيل آهن. هاڻي پنهنجن ٻارن کي ڊاڪٽر،
انجينير سان گڏ آئي.سي.ايس. يا پي.سي.ايس. ڪورس بہ ڪٽائڻ

---

ٻ جو مڪل ڏسي پنهنجي پونگي نہ ڊاهجي.

منو ٿيندو.“

سونيا ڏهن هزارن جو نالو ٻڌي چيو، ”ڏهه هزار“ ۽ سندس اکيون ڦاٽي ويون. هوءَ جڻ سپني ۾ ڳالهائي رهي هئي. چوڻ لڳي، ”مان اهڙو هار ڪيئن وٺي سگهندس؟ بابا جي پگهار ته هڪ هزار رپيا مهنو آهي.“ سونيا جي ساهڙي ڪلي چپ ٿي ويئي. ڳالهين ڳالهين ۾ هار جي ڳالهه رستي تي پوري ٿي ويئي.

سونيا گهر اچي آئيني ۾ پنهنجي شڪل ڏٺي ته هوءَ عجب ۾ پئجي ويئي. سندس منهن مان نڪتو، ”باپ ڙي ! ڇا سچ پچ ايتري سهڻي آهيان؟ وري سندس نظرن ۾ اهو هار گهمي رهيو هو جيڪو هن رستي تي هڪ بدصورت جي ڳلي ۾ ڏٺو هو. هن چپن ۾ چيو، ”مان سچ پچ هن هار جي لائق آهيان.“

ٿورن ڏينهن کان پوءِ سونيا جي شادي ٿي. شاديءَ جي پهرين رات هئي. سندس گهوٽ ڪشور تن من سان پيار ڪيو ۽ وائدو ڪيو ته هو ڪيس پنهنجو تن من ڌن ارپڻ ڪندو. سندس ساراهه ڪندي چيو، ”تون پورڻماسيءَ جو چنڊ آهين. مان تنهنجي لائق ڪونه آهيان. ايشور جي مهربانيءَ سان تو جهڙو چنڊ منهنجي جهوليءَ ۾ اچي پيو آهي. تون ته ڪنهن راجا مهاراجا جي گهر وڃڻ لائق آهين، جو توکي هيرن جي هارن سان جهنجي ڇڏي هان. تون مون رواجيءَ هڪ هزار رپين جي ڪمائي ڪندڙ سان خوش رهي سگهندينءَ؟ سونيا اهو ٻڌندي رهي ۽ گهوٽ جي ڳود ۾ ڪٽي منهن لڪايو. سندس گهوٽ پيار مان سندس ڳنيءَ تي هٿڙا ڦيريا ۽ چيو تنهنجا سهڻا پير هن ڌرتيءَ تي رکڻ جي لائق نه آهن، هن تنهنجي من موهڻيءَ ڳچي ۾ ڪو نو لکو هار هجڻ کپي.“ هار جو نالو ٻڌي سونيا جو ساهه گهٽجڻ لڳو. سندس رڳه رڳه مان هار جو آواز اچڻ لڳو. سونيا جو گهوٽ هڪ صرافي وٽ ڪم ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن صراف ڪشور کي هار ڪنهن گراهڪ کي پهچائڻ لاءِ ڏنو. ڪشور اهو هار کڻي گهر آيو. هن اهو هار سونيا کي ڏيکاريو ۽ کيس چوڻ لڳو، ”پياري هي هار جنهن عورت لاءِ آهي سا هن هار جي

ڪهاڻي

# آئينو

- ايم ٽي. ڀاٽيا، اَجمير

سونيا، سونيا... سونيا، سڄي گهر ۾ سونيا ئي سونيا نظر ايندي هئي. هوءَ اهڙي پري هئي جو سڀني جي زبان تي سونيا جو نالو هو. هوءَ هڪ انسان هئي پر ايشور هن کي انوکي سونهن بخشي هئي. هنکي ڏسڻ سان هڪ الوڪڪ شڪتي جو پرم پئدا ٿيندو هو. جڏهن سندس عمر سورهن سال جي ٿي ته ڄڻڪ قيامت ٿي پئي هئي. جو ڪيس ڏسي ته بس ڏسندو ئي رهي پر خود سونيا ان ڳالهه کان اڻڄاڻ هئي ته هوءَ ايتري قدر سهڻي آهي. هن کي پنهنجي سونهن جي خبر ان وقت پئي جڏهن هڪ ڏينهن هوءَ پنهنجي سهيليءَ سان گڏ اسڪول مان واپس اچي رهي هئي ته سندس پرسان هڪ زال بيٺي هئي. اها زال بدصورت هئي پر سندس ڳچيءَ ۾ هڪ قيمتي هار پيو هو. ان زال کي ڏسي سونيا جي سهيليءَ کي زور سان کل اچي ويئي ۽ چوڻ لڳي - سونيا تو هن زال کي ڏٺو؟

سونيا جواب ڏيندي چيو ها ڏٺم، ڇو؟ سونيا جي سهيليءَ چيو، 'ڇا اهو هار هن زال جي ڳلي ۾ سونهي پيو؟ ايشور جو قسم اهو هار ته تو جهڙي سهڻيءَ ڇوڪريءَ جي ڳلي جي سوڀيا وڌائي سگهي ٿو. اهو هار پائي ڪري تون ڪنهن راجا جي راڻيءَ کان ڇا گهٽ لڳندينءَ؟ منهنجو وس هجي ته اهڙو هار ڪنهن به حالت ۾ هن زال جي ڳچيءَ ۾ پائڻ نه ڏيان. بس اهو هار ته تو جهڙيءَ خوبصورت ڇوڪريءَ کي پائڻ گهرجي.

سونيا ڏاڍي سوچ ۽ ويچار سان سهيليءَ جي سندس دماغ ڇڪڻ ڪانئڻ لڳو. هن سهيليءَ کان پڇيو، ''هن هار جي ڪيتري قيمت هوندي؟''

سونيا جي ساهڙيءَ سوچيندي چيو، ''منهنجو پيءُ هڪ صراف جو ... ڪان تي ڪم ڪندو آهي. هن مان معلوم ٿي سگهي ٿو. هار جو ور ... ۽ ٻڌائين الڳ الڳ ٿيندي آهي. ڪو هار ڏهن هزارن جو ته ڪو ان کان به وڌيڪ قيمت جو ٿيندو آهي. ڪير ۾ جيتري ڪنڊ وجهبي اوترو

ڇا جي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو نه ٿئي.

سونيا جي زندگيءَ جو هڪ ئي مقصد هو ته ڏهه هزارن جو ہار وٺان. ڏينهن ۾ چار پنج دفعا ڳڻ ڪيل پئسا پئي ڳڻيندي هئي. ڄوءَ جڏهن پئسا ڳڻيندي هئي ته ڏاڍو دکي ٿيندي هئي ته اڃان ڏهه هزار گڏ ڪرڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو؟ ان جي ڪيس چنتا لڳل هئي. سونيا تي هار وٺڻ جو جنون سوار هو. هوءَ اڪيلائيءَ ۾ ويٺي يوجنائون ٺاهيندي هئي. هن سوچيو ته اڪيلائي ۾ وهڻ کان بهتر آهي ته هڪ سلائي مشين خريد ڪريان ۽ ڪپڙن جي سلائي ڪريان. هن سوچيو مشين وٺڻ تي خرچ ايندو، ڏهه هزار ٺاهڻ مان به ڪجهه پئسا هٿن مان نڪري ويندا. وري سوچيائين ته ڪپڙا سبڻ مان آمدني جو ٿيندي.

سونيا مشين خريد ڪئي ۽ ڪتڙا سبڻ لڳي. هڪڙي ڏينهن مشين هلائيندي هن کي چڪر اچي ويا ۽ هن کي ڪم ۾ رڪاوٽ محسوس ٿيڻ لڳي. پر هن آرام ڪونه ڪيو. ڪيس ڪني شيءِ کائڻ جي دل ٿي. هن سمجهيو ته هوءَ ماءُ ٿيڻ واري آهي. هن دل ۾ سوچيو ته ٻار ايندو ته خرچ وڌندو ۽ پوءِ هوءَ هار ڪونه وٺي سگهندي ۽ ڏهه هزار ڪٺا ڪين ڪري سگهندي.

ڪشور جڏهن گهر آيو ته هن ڏٺو ته سونيا اُداس ويٺي آهي. ڪشور ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيو ته ”ڪهڙو ڪارڻ آهي جو تون اُداس ويٺي آهين؟ اڄ ته تون واقعي خوبصورت ٿي لڳين. تون ته چڻ پري ٿي لڳين.“ ڪشور جا اکر ٻڌي سونيا پنهنجي شڪل وڃ آئيني ۾ ڏٺي. هن من ۾ چيو ته آئيني جهڙو ٻيو ڪوبه سچو ڪونهي. هڪ آئينو ئي آهي جو شڪل ڏسي سچ ٻڌائيندو آهي. سونيا واقعي ئي سچائي قبول ڪئي ته هوءَ سهڻي آهي. هن جي من ۾ رکي رکي ويچار پئي آيو ته هوءَ ٻار ڄڻيندي ته خرچ وڌندو ۽ هن جا ڏهه هزار رپيا ڪٺا نه ٿي سگهندا. چونه ٻار ڪيرائي ڇڏيان. جي اسپتال ۾ پرتي ٿيندي ته اهو به خرچ وڌندو. مشين به هلائي نه سگهندي. هن چاهيو ٿي ته ٻار نه ڄمي. هن ٻرو ٻار ڪڍڻ شروع ڪيو. گرم تتي شيءِ کائڻ لڳي. ڪيس تن مهنن جو ٻار هو. هڪ دفعي هن چار پنج گرم چانهه جا پيالا پيتا. سندس حالت بگڙجڻ لڳي، هوءَ بيهوش ٿي ويئي. ڪشور جڏهن گهر آيو ته سونيا جي اهڙي حالت ڏسي ڪيس اسپتال ڪڻائي ويو. سونيا

**هن جي زال جهڙي سندري ۽ سياڻي ٿهڙي گونگي ڪانءِ**

لائق نہ آهي. هي هار تنهنجي ڳلي جي شوڀا وڌائڻ لاءِ آهي. ڪشو
هار سونيا جي ڳلي ۾ پاتو. هار ڏسي سونيا ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳي. ها
سندس ڳلي ۾ ڪلاڪ کن پيو هو.

سونيا ڪشور کان پڇيو، ''هن هار جي قيمت ڪيتري هوندي؟''
ڪشور جواب ڏنو، ڏهہ هزار رپيا. سونيا چيو، ڏهہ هزار رپيا قيمت
گهٽي ڪونهي ڇا ؟ ڪشور کلندي پيار سان چيو، ''ڇا تون وٺندئين؟''
سونيا چيو، ها، ها مان وٺندس. ڪشور چيو، منهنجي پياريءَ جا خواب
ڏاڍا وڏا آهن. سونيا پڪي ارادي سان چيو - مان اهو ضرور وٺندس. ان
کان پوءِ هن ۾ اهڙي تبديلي اچي ويئي جو پئسو پئسو ڪري بچائڻ
لڳي. خرچ گهٽائڻ لاءِ هن ضرورتون گهٽ ڪيون. نوان ڪپڙا سبائڻ
ڇڏي ڏنائين. ٻاهر گهمڻ بہ گهٽ ڪيائين. ڪشور اگر ڪيس سينگار
جو سامان آڻي ڏيندو هو تہ چوندي هئيس تہ اهو اجايو خرچ نہ ڪيو
پئسا بچايو. بچايل ڏن ڪم ايندو. ڪاٺ جو نمونو بہ بدلي ڇڏيائين
گهر ۾ روز نيرن تي انڊا ايندا هئا سي بند ڪيائين. منجهند ۽ رات
جي روٽيءَ ۾ هڪ هڪ ڀاڄي ٺاهڻ لڳي سا بہ سستي. آئي وئي کي بہ
رکي چانهن ڏيندي هئي. ڪشور گهر موٽندو هو تہ سندس کيس
جاچيندي هئي تہ اوور ٽائيم جا پئسا تہ ڪون اٿس. اهو حال ڏسي
ڪشور پريشان ٿيڻ لڳو. ڪشور جي پگهار جي ڏينهن هوءَ ائين انتظار
ڪندي هئي جڻ ڪا ڇوڪري پنهنجي ملڻ واري پتيءَ جو ڪندي
آهي. ڪشور جي ماءُ پنهنجي ٻئي پٽ وٽ رهندي هئي. ڪشور هر
مهني ماءُ کي ٢٥ رپيا ڏئي ايندو هو. سونيا اهي ٢٥ رپيا سس کي ڏيڻ
بند ڪيا تہ اهي پئسا هار وٺڻ ۾ ڪم ايندا. ڪشور کي ڏاڍو تعجب
لڳندو هو تہ آخر سونيا پئسا ڪيڏانهن ٿي ڪري. ڪشور اُدار دل هو.
هن جي دل ۾ ٻين مردن وانگر شڪ ڪونہ هوندو هو. هو ڏير جوان ۽ رضا
تي راضي رهڻ وارو هو. ڪشور جنهن وقت ڪم تان موٽندو هو تہ ڏسندو
هو سونيا پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي ڪجھ ڪري رهي آهي. ڪشور جي
اچڻ تي هوءَ پنهنجي پيٽي بند ڪري ڇڏيندي هئي.

---

**ڪولي کي ڪڻ هاٿي کي مڻ ڏاتار ڏئي ٿيو.**

## غزل

ڪشور ڀوڄا ”جيون“ (سنڌونگر)

علم جي نہ آهي، ڪمر جهڪندي رهندي
سلامي سَونَ کي جهڪي ڪرڻي پوندي.
١. عقل جي نہ آهي، نمي هلڻو پوندو،
شرافت جي بدلي، ذلت مان لهندي.
٢. وڏائي سدائين تي سڌ-ٻڌ ڀلائي،
بگاڙي تي صُحبت، سمجهڻ سگهہ نہ ڏيندي،
٣. محبت تي جوڙي، سوارت تو ڀوڙي،
حسد ساڻ قسمت ڪڏهن ڪانہ لهندي.
٤. بنا سوچي سمجهي، ملي ڪين منزل،
اِرادي عمل ساڻ صحيح راهہ ملندي.
٥. ڪئي ۾ تين ڪيهہ محنت ڪَبي جي،
تہ ”جيون“ سگهي صحت ڪاهل جي ٿيندي.

## غزل

# انسان

پرسرام ”نماڻو“

انسان کي ستائي انسان ڪهڙي باعث ؟
انسان مان ڦري ٿئي شيطان ڪهڙي باعث !
١- خالق سيني جو ساڳيو، جنهن وٽ ڀيد نہ ڪوئي،
تون مان مچايون طوفان ڪهڙي باعث ؟
٢- ڇاڻي نہ پاڻ کي جو انسان ڪيئن سو سڏجي ؟
هيءَ ڳالهہ پر هنڌائي حيوان ڪهڙي باعث ؟
٣- ٿي آڳہ ايرڪا جي سنسار کي جلائي،
ڪمزور کي دٻائي بلوان ڪهڙي باعث ؟
٤- مروت جي بي اجهي آ عشرت کي سوچڻو آ،
محلات پيو اڏائي ڏنوان ڪهڙي باعث ؟
٥- دولاب ۾ لڳيءَ جو وهنوار آهي جت ڪٿ
دنيا مان ويو ڇڏائي ايمان ڪهڙي باعث ؟
٦- رنگين آ زمانو، غمگين آ ڪهاڻي،
هر ڪو انهيءَ تي ڪائي ارمان ڪهڙي باعث ؟
٧- هيءَ زندگيءَ آ ڪهڙي ؟ جنهن ۾ نہ آهي راحت
موهي نہ، تہ بہ متائي نادان ڪهڙي باعث ؟
٩- تون خاڪ مٽ ”نماڻا“ گيرب ڪرين ٿو ڇا لاءِ ؟
تئين وهم ۾ الائي غلطان ڪهڙي باعث ؟

**گهر ۾ رنڌل، ويتر پيڪن کان آيو ماڻهو ولڙ.**

سڄا ڳه ٽيڻ تي ڪشور ڪان پڇيو ته هيءَ ڪهڙي اسپتال آهي. خيراتي آهي يا خرچ ايندو؟ ڪشور چيو خيراتي نه آهي. هيءَ پرائيويٽ اسپتال آهي. هتي تنهنجي سني سنڀال ٿيندي. سونيا اهو ٻڌي زور زور سان چلائڻ لڳي ۽ مڙس کي چوڻ لڳي ته مونکي گهر وٺي هل. ان وچ ۾ سندس ابارشن ٿي ويو. هن جو ايترو خون وهڻ لڳو جو ڊاڪٽر کيس ڪيترين خون جون بوتلون چاڙهيون. ڪشور جا ٻه ٽي هزار رپيا خرچ ٿي ويا. سونيا خرچ جو ٻڌي وائڙي ٿي ويئي ۽ چنتا ڪرڻ لڳي ته هاڻ ڇا ٿيندو؟ ڏهه هزار ڪيئن ڪٺا ٿيندا ۽ هار ڪيئن وٺي سگهبو؟

هن گهر اچي هڪ ٻه ڏينهن آرام ڪيو. وري مشين تي ڪپڙا سبڻ شروع ڪيا. سندس صحت ڍهڻ لڳي ۽ ڪمر ٻه جهڪي ويس. سندس وار ٻه اڇا ٿيندا ويا. اڳه ته هڪ وار اڇو هو هاڻ ته اڌ مٿو اڇو ٿي ويس ته ٻه پئسا ميڙڻ بند نه ڪيائين ۽ پئسا هر گهڙيءَ ڳڻيندي رهي. هڪ ڏينهن هن پئسا ڳڻي ڏٺا ته باقي ٿوڙا پئسا ڏهه هزارن ۾ گهٽ آهن. هاڻ جلد هار وٺي سگهندي. من ۾ سوچڻ لڳي ته جڏهن هار ايندو ۽ هوءَ گلي ۾ پائيندي ته ماڻهون چوندا ته سچ پچ مان حور پري آهيان. هن کي پنهنجي سونهن تي ناز ٿيڻ لڳو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن پئسا ڳڻيا ته پورا ڏهه هزار ڪٺا ٿي ويا آهن. هوءَ خوشيءَ ۾ نچڻ لڳي. سامهون آئيني ۾ نظر وجهي پيس. آئيني کيس سچ ٻڌايو. آئيني ۾ هڪ پوڙهي زال بيٺي هئي. جنهن جا وار ڪچڙي وار هئا. اکين جي چارن طرف ڪارا داغ هئا. چهري تي گهنج هئا. سندس منهن جو رنگ پيلو هو. هٿن پيرن جي چمڙي خشڪ ٿي ويئي هئي. سونيا سوچيو هي ڪنهن جو روپ آهي. سونيا ڪيڏانهن ويئي؟ سندس گلي مان رڙ نڪري ويئي ۽ زور سان چيائين، ”سونيا ڪٿي آهي؟“ ۽ بيهوش ٿي ڪري پيئي.

ڪشور اچي ڏٺو ته سونيا بيهوش ڌرتيءَ تي پيئي آهي. پيٽي کليل پئي آهي. ڏهه هزار رپيا پيا آهن. ڪشور ڊوڙي ڊاڪٽر کي وٺي آيو. ڊاڪٽر جانچي ٻڌايو ته سونيا کي پاڳلپڻ جو دؤرو پيو آهي. ڪشور جو منهن لهي ويو ۽ سوچڻ لڳو سونيا کي ڇا ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟ کيس پوءِ سمجهه ۾ آيو ته سونيا کي سوني جي هار پاڳل بڻائي ڇڏيو.

---

**جنهنجي هٿ ۾ ڏوئي بک مري سوئي.**

ايڪانڪي

# الا منهنجي دل تي جلي !

ڪشور پهوجا ”جيون“ (سنڌونگر)

پاتر : ڪملا ديوي ... ساڄن جي ماءُ
ساڄن ........ ڪملا جو پٽ
گوپي......... ڪملا جي پاڙيسرڻ
جسوتا......... ڪملا جي پاڙيسرڻ.

درشيہ : ڪنهن ننڍڙي گهر جي اڱڻ ۾ پيل صندل تي ساڄن ويٺو آهي ۽ ڪملا ديوي هيڏانهن هوڏانهن ڇهل پهل ڪندي پنهنجو پاڻ کي - هاڻ، هن ٺياڳي ساڄن کي ڪير سمجهائي ؟ ان کان ته نه ڄمي ها ته هڪ سوُر ته ٿئي ها. هاڻ هن مُئي جو ڪير ويٺو آهي. (پنهنجي پاڙيسرڻ ساهڙيءَ گوپيءَ کي سڏي ٿي) اڙي گوپي... ؟ (جواب نه اچڻ تي ٻي ساهڙي جسوتا کي ٿي سڏي) اڙي ... او جسوتا ... هن ڇوڪري کي ته اچي سمجهايو ؟!

گوپي : (اڱڻ واري پٽ کان سسي هن طرف ڪيندي) ڪملا وري صبوح صبوح جو هيئن چلائڻ ڇو شروع ڪيو اٿيئي ؟!

ڪملا : هاڻي ڇا ٻڌايانءِ گوپي ! هن طرف ٿري اچ. جسوتا کي به پاڻ سان وني اچ. هي ساڄن مُئو، منهنجي ته ٻڌيئي ڪونه ٿو. من توهان ٻنهي جو ڪو ٻڌو لڳيس !

ساڄن : (ڪجندي) هاڻي سڄي دنيا کي ڍنڍورو ڏي. ڪلاءِ اوڙو پاڙو ؟ !

(گوپي ۽ جسوتا ٻئي اڱڻ اندر پير رکن ٿيون)

گوپي : اڙي ساڄن ! وري ڇا ٿيو آهي ڇو ماڻين صبوح صبوح جو چلائڻ شروع ڪيو آهي؟

ڪملا : اڇو ..... اڇو ...... هاڻي هن پنهنجي لاڏلي کي ته ڪجهه سمجهايو ؟!

جسوتا : ڪملا تون به ڪمال پيئي ڪرين، ڇهن پنجن مهنن کان پوءِ ٿي ته مس مس ساڄن گهر آيو آهي. اڃا ته راتون به مس ٿيون اٿس

ڪملا : هاڻ، مان ڇا هن جي دشمن آهيان... جو منهنجو چيو ئي نٿو مڃي !

گوپي : چيو ڇو نه مڃيندو ؟ ننڍو ٻار آهي ڇا ؟ ساڄن ۾ ڪهڙي خرابي آهي جو ويٺي ساڻس ننٽو ڪرين ؟!

ساڄن : ماسي اَمان ته تيليءَ مان ڪٽي ٿنڀ بڻايو آهي. هاڻ ماڻ ٿورئي ايندس. ڪائڻ پيئڻ ۽ اُٿڻ، ويهڻ ئي زهر ڪري ڇڏيو اٿائين. هن گهر ۾ رهڻ کان ته جهنگ مُنهن ڪري هليو وڃجي ته چڱو !

ڪملا : ڏسو ته ..... مئو ڇئي ڇا پيو ! الائي ڪهڙو ڪٽي جادو ڪيو اٿائونس ! اڳي ته اهڙو ڪونه هو. گهران نڪرندو هو ته پيرين پئي پوءِ چانئٺ کان پير ٻاهر رکندو هو. پگهار ملندي هئس ته سموري ترِيءَ تي اچي رکندو هو. خرچي به ڪيس

سڀ ڄڻجي ته ديوتا هر هڪ ۾ آهي ۽ سرؤ وياپڪ آهي. اهالي سڀني مٿن ۽ علمن جي سچائي آهي. هر هنڌ ايشور ڏسو. جيڪڏهن توهان هر هنڌ ايشور ڏسندا ته توهان جو ڪجهه به ٻرو نه ليندو.

نظم

# جيڪا مالڪ مرضي

آمرتلعل دولهاڻي ”آمرت“ (جبلپ

چنتا جهڙي چکيا برابر، تن من خوب جلائي،
صحت لاءِ تي بڻجي خطرو، نيڻن ننڊ ڦٽائي،
ڪرين تو چنتا تون ڏينهن رات، هن جي، هُن جي، سڀ جي،
پر نہ ڪرين تو پل ٻہ پيءَ، جنمُ ڏنو جنهن رب تي !

راجا، راڻي، رنڪ آ ڪوئي، ڪوئي فتيچر غرضي،
ڪوئي ڏسجي سيٺ وڏو تو، ڪوئي ڪچاڻو قرضي،
ملي آ ڪنهن کي هٿ ۾ ڀاري، ڪنهن کي گدي گُلن جي ،
هر ڪنهن کي هٿ بس ڪرمُ آ ڪرڻو، جيڪا مالڪ مرضي

ڪنهن کي دؤلت جي آ چاهت، ڪنهن کي چنڊ تارن جي،
ڪنهن کي موهہ ۾ جڪڙيو ٻارن، ڪنهن کي يارن جي،
ڪوئي ڪوئي چڙهيو چوٽ تي، ڪوئي ويو ڦسلجي،
ڪائي ڪنگري خالي ٿئي تي، ڪائي وڃي تي ڀرجي.

ڪر نہ پرائي پڇار تون پريمي، رهہ هردمُ سمنڌر شئي،
بن سوارٿ جي ڪرمُ ڪندو هل، مالڪ ڪندو سڻائي،
واڳہ تني ڏيءِ ڇڏ هٿ مالڪ جي، من ۾ مُورت هر جي
پڳون ! بخش گناهہ ڏي معافي، ”آمرت“ جي ميچ عرضي

## پرٿويءَ جهڙي انساني بستي ٻين گرهن تي بہ آهي

منگل ۽ وسپت گرهن جي وچمِ گهمندڙ پٽڙ ۾ ٻيا بہ وسپت جهڙا گرهہ سج جي چوڌاري ڦرن ٿا. جاگرافيءَ جي جاڻن جو رايو آهي تہ تارا منڊل ۾ سج منڊل جهڙو تارا گرد سموه آهي. اهو سرشتو ٻن گرهن کي انهن جي گول آڪار چڪر پٽڙ ۾ انهن جي تارن جي آس پاس پڪڙي رکيو آهي. ان سوريہ سرشتي ۾ پرٿويءَ جهڙي

---

سچ ڳالهائڻ بہ ڪلجڳ ۾ تپسيا برابر آهي.

گوپي : پر هاڻي، تون تہ پاڻيءَ کان اڳ ئي ڪپڙا پئي لاهين ! جيوٽداس تہ آزاد خيال ماڻهو آهيءَ پنهنجي ڌيءَ کي ڊاڪٽر بڻائڻ جو خيال ڪري رهيو آهي. تون تہ اجايو پئي وهلور وجين !

ڪملا : اجايو پئي وهلور وجان ؟ مان ئي وهلور وجان .... وڇ ... پڇ وڃي جيوٽداس کان ... ساڄن مئا ڪهين چو نئو ؟ وات ۾ مڱ پيا اٿئي ؟

ساڄن : ڪهڙي وري چا ؟ زالن کي تہ صرف ترڪ - تال ئي ڪرڻ ايندا آهن ! پنهنجي دل جي ڳالهہ تہ ٻڌائين ئي ڪانہ پئي. مونکي خبر آهي هن حور پريءَ جي جا تو منهنجي لاءِ ڳولهي رکي آهي ؟!

ڪملا : حور پري ڪٿي ڪانهي ... پر جيوٽداس جيان سچا تہ ڪونہ آهن! لک رپيا بہ تہ ملني ٿا نہ ؟ لک رپين مان ڇا ڇا نتو تي سگهي. ماريا زندگي نهي پونديءَ !

گوپي : لک رپيا.... ؟! ءَ ساڄن کي .... ؟! اڙي، جسوتا تنهنجو پٽ بہ تہ بي. اي. پاس آهي نوڪري بہ سٺي اٿس توکي ڏيڍ لک ملڻ گهرجن !

ساڄن : بابا .... توهين ڙالون تہ حضرت آهيو حضرت. توهان کي تہ صرف ڪپي ڏيتي ليتي ! هاڻي مان بي-اي ڪٿي آهيان ؟ صرف مئٽرڪ آهيان مئٽرڪ ...

ڪملا : ها ..... ها..... ڪپي ! چو نہ ڪپي ؟ تڏهن ئي تہ متو پئي ڪُٽيان ! تڏهن ئي تہ پئي دل جلي ! هاڻ مان ڇا ڪريان ؟ هن ڇوري کي تہ ڪا سمجهہ ئي ڪانهي ؟

ساڄن : اما مونکي ٻيو ڪجهہ نہ کپي ! مونکي صرف دل پسند جوءِ کپي ! ششيءَ ۾ ڪهڙو اوگڻ آهي ؟

ڪملا : جسوتا ... تون ڪٿي سمجهاءِ هن نادان کي . ٽُڏريل چئن مهنن کان مونکي هڪ نڪو بہ ڪونہ ڏنو اٿائين. پاڻ ڪٿي مسواڙ تي گهر بہ وٺي آيو آهي. هن جيوٽداس جي ڌيءَ تي جادو ڪري ڇڏيو اٿس ! گهنو بڻائي ڇڏيو اٿائينسِ گهنو.

گوپي : ڀائي، توکي تہ پاڻ فخر هئڻ گهرجي ڪملا. ساڄن سڀ پڇ سومان جو ڪم ڪري رهيو آهي. جيڪي ڇوڪريون لک ڪٿي ايندريون ساهرن کي جوتن ۾ پاڻي بہ تہ اُهي ئي پيارينديون نہ ؟!

ڪملا : تون اُن جي چنتا نہ ڪر گوپي. مان بہ ڪا گهٽ ڪانہ آهيان. مون سان ڪو سينو تہ ساهي سگهي ؟

ساڄن : اما تون ويٺي لڏون پور. مان وڃان ٿو، هي گهر .... هيءَ تون !

ڪملا : وڇ ماريا وڇ .... هاڻ وڏيڪ دل نہ جلاءِ !

ساڄن : سڀ پڇ وڃان ٿو. تون ماءُ ناهين ڏائڻ آهين ! منهنجي خوشي کان وڌيڪ توکي پيار ناڻي سان آهي ناڻي سان !

(ساڄن تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري ٿو وڃي)

ڪملا : ويو.... ويو هلي.... سڀ پڇ هلي ويو...... ڏنو.... اوهان ٻنهي ڏٺو. ڪيئن، وري گهر ڇڏي هليو ويو. ... مئي کي اڪيلو ڇڏي ويو.... پوءِ ٻڌايو .... دل ڪيئن نہ جلندي ؟!

---

**اٺ ٽان وڃڻي لاهڻ سان بار هلڪو ٿيندو ڇا؟**

هٽ سان ڏيندي هئس. پر هينئر ته مارين ڪي منهنجو منهن به نه ٿو وڻي ! پوءِ منهنجي دل ڪيئن نه جلندي ... ؟ جسوتا ..... تون ڪو هن ننڙ ڪي سمجهاءِ. گوپي تون چو چپ آهين ؟!

جسوتا : ڇو ڙي ساجن ! ماءُ کي اجايو ڇا لاءِ پيو ستائين ؟ ائين ستائڻ ڪو نهي ؟ ننڍڙو ته نه آهين !

گوپي : جسوتا، تون به ڪمال پئي ڪرين ! ڇا توکي اها خبر آهي ته ساجن گذريل چار پنج مهنا گهر کان ٻاهر ڇو رهيو ؟ ڪجهه ته ڳالهه ۾ هوندو نه ؟ خبر ناهي ان ۾ ڏوهه ڪنهنجو آهي ؟ ساجن جو يا ڪملا جو ؟ آخر آهي ڇا .... ڪوئي ته سُٽ ڪي سلجهائي !

ڪملا : گوپي، تون به سڀ ڪجهه پڇ ڪا ڳهيلي آهين. مان ته ائين سمجهندي هئس ته ساجن ڪجهه ڇاڻي ئي ڪونه ! پر هاڻ ته داڻن سان نڪتو آهي ڏس ته ... ڇورو ڇوري ڇوريءَ شادي ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيٺو آهي. ماءُ کي ته چڻ جيئري ئي ماري ويٺو آهي !

گوپي : بس ! ڳالهه به ايتري ؟! ڪملا ڀيڻ، تون به قهر ڪري رهي آهين. اجايو ننڍڙي ڳالهه ڪي ڪٽي ايترو شور مچايو اٿئي ؟!

ڪملا : جسوتا ..... ڏسين پئي نه ..... هيءَ گوپي ؟ ساجن کي سمجهائي ته ڪونه تي پاڻ اُلٽو، ڪيس هشي ڏيئي رهي آهي. ڇا توکي مون ان لاءِ ئي سڏ ڪيو ؟ تون ته پاڻ منهنجو خانو خراب ڪري رهي آهين !

گوپي : هاڻ ڀائي سڀ ڇوڻ جو تہ زمانو ئي نہ رهيو آهي. سڀ چئہ تہ سيني کي مرچ ٿا لڳن !

جسوتا : (ڪلندي) اڙي ماريا ساجن ! ڇوري ڇوري شادي پيو ڪرين ؟ وريءَ ڪٿي دل لڳائي اٿيئي ؟ اسان به ته ٻڌون ؟ ڇوڪري ته ضرور تو جهڙي سهڻي هوندي ! سڀ ٻڌاءِ .... ؟

ڪملا : ماريو سُڄن سان تو انڪي، تڏهن ته منهنجي دل جلي رهي آهي !

گوپي : ساجن .... ٻڌاءِ .... وري ڪٿي دل اڙجي ويئي اٿيئي ؟

ڪملا : تنهنجي پاسي واري گهر ۾، ٻيو وري ڪٿي ؟

گوپي : منهنجي پاسي واري گهر ۾ ؟ يعني جيوڻ داس جي ڌيءَ ششيءَ سان ؟!

ڪملا، توکي ته پاڻ شڪر ڪرڻ گهرجي. ڇوڪري ته پاڻ بي.اي. پاس آهي. ششي ته سهڻي به آهي ٻيو ڇا کپيئي ؟ ساجن ته صرف مئٽرڪ پاس آهي

ڪملا : ششي پڙهيل آهي ۽ سهڻي به آهي ته پوءِ ڇا ٿيو ؟ اسان کي ناهي اُنهن سان ڳنڍڻو ... منهنجي به زناني سنيڊ آهي، جو .... !

جسوتا : ساجن - ماءُ، اهو تنهنجو اجايو ضد آهي !

ڪملا : جسوتا، تون هي ڇا چئي رهي آهين ؟ اسان ته آهيون پراڻي زماني جون ۽ ان پڙهيل. ڇوڪرين پڙهيلن جا ته نخرائي پنهنجا آهن ! ڪير سهندو ؟ خبر ناهي منهنجي ساجن تي ڪهڙو ڪٽي جادو ڪيو اٿن. هاءِ ... منهنجي ته دل جلي رهي آهي !

# سخا جو صاحب

پرسرام 'ضيا'

تون سخي آهين سباجهو در اُتم تنهنجو جهليو
هاڪ تنهنجيءَ ڪي ٻڌي مان دوُر ڪان آهيان هليو

مهت ڏي مالڪ مونکي، منهنجي مداين ڪي نہ ڏس،
عيب مون ۾ اَڻ ميا سڄ سچ اُتم سائين سليو.

توُن پريو پنڌار آهين خالي جهولي پر ڪٽي
آس هڪ تو ۾ رکي مون آسرو جڳہ جو پليو.

توُن هنئين جو نار آهين، نار وجهہ منثار توُن،
بي سبب دنيا جي حرصن ۾ جگر آهي جليو.

تنهنجي دم سان دل جي اُجڙيل باغ ۾ ايندي بهار،
تو نظر جنهن تي ڪئي سو دائما ڦوليو ڦليو.

تنهنجي چائنٺ تي پيو آهيان پوُئي من ترس ڪو،
مان 'ضيا' مجبور آهيان روح جو توسان رليو.

سنڌ ۾ سونهن ۽ دؤلت جي گهٽائي ۽ جهجهائي، تاريخ جي هر دؤر ۾ رهي آهي. سونهن ۽ دؤلت جي هاڪ هنڌ هنڌ پهچي به جلدي ويندي آهي. ائين ئي انهن ٻنهي خزانن جي حاصل ڪرڻ لاءِ تاريخ جي هر دؤر ۾ ڦُريون، درندن جون سنڌ تي ڪاهون ٿينديون رهيون آهن. اڃا تائين به جاري آهن. (ج-ع- منگهاڻي: ماهوار رسالي ” سوجهري“ جي چيف ائڊيٽر. حوالو ڏيندڙ : رام أمرلعل پنجواڻي) هندواسي ٢٦ جون ٢٠٠٥

سنڌي ٿيڻ لاءِ رڳو پوشاڪ پهرڻ، سنڌي ڳالهائڻ ۽ لکڻ ئي ڪافي نه آهي. ان لاءِ سنڌ جي تاريخ کي پنهنجو ڪرڻ ضروري آهي. آهڙي عظمت کي تسليم ڪرڻ ضروري آهي. موهن جي دڙي کي پنهنجو ڪرڻ ضروري آهي. سنڌي جي سورمن کي پنهنجو سورمو سمجهڻ ضروري آهي. انهن حقيقتن کي مڃڻ ڌاران پاڻ کي سنڌي سڏائڻ غلط ۽ بي بنياد آهي. (غلام علي گرامي رشيد ڀٽي جي پستڪ ”جيءَ جياريو جن“ تان حوالو ڏيندڙ رام أمرلعل پنجواڻي) هندواسي ٢٦ جون ٢٠٠٥

سنڌ ڌرتي اُنهن جوڌن جي ڌرتي آهي جن شاهه عبدل لطيف جهڙا اولياءَ ۽ بزرگ جيڪي پاڻ اُهي هئا تن دنيا کي بيدار ڪرڻ لاءِ جيڪي خدمتون سر انجام ڏنيون آهن جن جو ڪوبه مثال ڪونه ٿو ملي. مان ته ائين چوندس ته هڪ پاسي توهان شاهه کي رکو ۽ ٻئي پاسي توهان دنيا جي مقبول شاعر شيڪسپيئر کي رکو توهان کي زمين آسمان جو فرق نظر ايندو. سندس شاعري جي هڪ هڪ لفظ ۾ ايتري ته گهرائي آهي جو اُن کي سوچڻ سان ڪنهن ٻئي جڳهه تي پهچيو وڃي. (سعيد مراد علي شاهه - سنڌ) هندسواسی ٢٦ جون ٢٠٠٥ تان

## GOD IS EVERYWHERE

When you awaken in the morning, visualize Swami in that empty space beside your bed. Swami is there because he is every place. So what we do is to visualize the Lord. Visualise Swami. Visualization is easy. You can Visualize him standing beside the bed. You get up, take his hand, and you walk with him all day long.

- DR. JOHN HISLOP

(Author of 'Seeking Divinity Book)

At the age of 90 years while chanting "OM" Dr. Hislop left his mortal body on August 4, 1995 - Till last he was busy in spreading Sai Sandesh of Love and unity from country to country.

## سائين هرهنڌ حاضر آهي

جڏهن توهان صبح جو اُٿو ته خالي جڳهه ۾ پنهنجي بستري ڀرسان بابا کي ساڪيات ڏسڻ جي ڪريو. بابا اُتي آهي ڇاڪاڻ ته هو هر هنڌ حاضر آهي. انڪري اسان کي بابا [illegible] ڏسڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي آهي. بابا کي [illegible] ڪريو. ڏسڻ سؤلو آهي. توهان هن کي [illegible] بستري ڀرسان بيٺل ڏسي سگهو ٿا. [illegible] ري مان اُٿو ۽ هن سان هٿ ۾ [illegible] سڄو ڏينهن هلو.

ڊاڪٽر جان هسلاپ

# وويڪ واڻي

-نارائڻ پرسرام 'ضيا' 'وويڪي'

(سنڌونگر جي بگڙجندڙ فضا)

ڏاڍن جو ڌهڪاءُ، نگر ۾ ڏاڍن جو ڌهڪاءُ!
بدناموسي نت وڌي رهي آ، سوارٿ سڀ کي انڌو ڪيو آ،
وير وروڌ ۽ تعصب جو، هر هنڌ آهي تناءُ، نگر ۾ ڏاڍن...
ڪُڏا نگر ۾ ڪم ٿين ٿا، چورون-ڦرون ۽ خون ٿين ٿا،
بچاءُ ڪانو آهي بي اثر بڻيو، شهر ۾ وڌيو آهي ڀهڪاءُ، نگر ۾ ڏاڍن...
برشٽاچاري راڄ بڻيو آ، ڪوئي نہ اوهي واهي رهيو آ،
هڪ ٻئي کي ڪيرڻ خاطر، ٿين پيا ست سٽاوَ، نگر ۾ ڏاڍن...
جان جو جوکو ٿا ليڊر سمجهن، وڌندي رهي ٿي تن جي اُلجهن،
ڏينهن رات رهن ٿا پهري اندر، رڳو ڪن پيا پنهنجو بچاءُ، نگر ۾ ڏاڍن...
وڏا وڏا رڳو ميڙ پيا ٿيندا، هڪ ٻئي تي پيا چوُهہ چنبڙيندا،
عملي قدم ڪو ڪين کي ڪڻندو، رڳو سڀا ٿيندا ٺهراوَ، نگر ۾ ڏاڍن...
ٻاهران خوني گهرايا وڃن ٿا، نگر جا دشمن وڌايا وڃن ٿا،
تن جي پالڻ پوشڻ خاطر، ٿئي ٿو ناڻي جو ڦهڪاءُ، نگر ۾ ڏاڍن...
هيءُ تماشو روز ڏسون پيا، پر ڊپ ۾ رهندي ڪين ڪڇون ٿا،
هرڪو پنهنجي سوَر پيو سوڙي، لڳي پيو اُهتو واءُ، نگر ۾ ڏاڍن...
ڪارپوريشن ۾ ڪا پختائي ناهي، ڏي وٽ سان هرڪو ڪم ڪڍائي،
بدنام بڻيو آ هرڪو ڪاتو، عام خلق سان آهي اَنياءُ، نگر ۾ ڏاڍن...
ڪنهن جو خون ڪرائڻ هت سولو آه، گونڊن بڻايو هت اڏو آهي،
ناڻي تي ٿو هت نڙ وڪامي، ٿئي پيو روز ڪنياءُ، نگر ۾ ڏاڍن...
بدماش جي هت ڀيگهي متي آ، بچاءُ ڪاتو تن ساڻ مليا آ،
وڪيل خوب هت ڪن ٿا جاوا، ٿئي پيو ناڻي سان وٽ وٽاءُ، نگر ۾ ڏاڍن...
گنهگار ڇڏائڻ بڻيو آهي سولو، جو اڳوانن ۾ ڏاڍو مٿل آ رولو،
پرواه ناهي ڪا ناڻي جي هت، ناهي رهيو ڪو شرم حياءُ، نگر ۾ ڏاڍن...
جاڳو نگر جا اوهين سڀ جوانو، سُستي ڇڏيو ڪريو نہ ڪوئي بهانو،
پنهنجي نگر جو شان رکڻ لئہ، گڏجي سوچو ڪوئي اُپاءُ، نگر ۾ ڏاڍن...
وِويڪي پنهنجو رکي ٿو رايو، نگر جو اوهين سوُمان وڌايو،
ڪائڻ غم ڪسر جي وات وتو ڪا، هنجو اِهو آهي سُلجهاءُ، نگر ۾ ڏاڍن...

ﺁزاد نظم

# ”هولڪا“

## آرجن ماٿا ”ناچيز“ سنڌونگر

ساڙي لڪڙين جي ڍير کي،
سمجهون ٿا تہ هولڪا جو آنت آ،
اِها آسانجي ڀل آ، اِهو آسانجو وهم آ.

١- هڪ ٻئي کي ٿا گلال لڳايون،
پڪي رنگہ سان ٿا ڪپڙا پسايون،
سمجهون ٿا تہ
رڳجي ويو آهي من آسانجو، پريت سان پيار سان،
اِها آسانجي ڀل آ، اِهو آسانجو وهم آ.

٢- هولڪا نشان آهي ايمان جو، اهنڪار جو،
وير جو وروڌ جو، ڪروڌ جو ڌڪار جو،
هي سڀ اڄ بہ زنده آهن دوستو،
اڳہ کان وڌيڪ زور آهن، پُرزور آهن،
سمجهجي ٿو تہ
هرڻاڪشيپ هاڻي ناهي رهيو،
اِها آسانجي ڀل آ، اِهو آسانجو وهم آ.

٣- رنگہ کان، گلال کان، خون سستو ٿو ملي،
پچڪارين مان نڪرن ٿيون گوليون، هٿن مان بم،
سمجهن ٿا تہ
هولڪا آهي سڙي ويئي
اِها آسانجي ڀل آهي، اِهو آسانجو وهم آ.

٤- آتنڪواد مٽائي جڳہ مان،
پريم جو سيني کي رنگہ لڳايون،
پوءِ سمجهي سگهجي ٿو تہ هولڪا جو آنت آ،
هولڪا جو آنت آ.

# عورتون آهن دکي هن سنڌونگر ۾

- دوارڪاداس سنتاڻي، وڪيل

١- ڏيئڻ جلائڻ جي رسم، آهي گهڻي پُراڻي،
عورت جلائي وڃي ٿي، سنڌونگر ۾.

٢- روپ ڪُروپ ڪيو، ڏاڻ ڏيتي ليتيءَ آ،
بَڪَرُ اُن جو ٿئي ٿي، اِستري هن سنڌونگر ۾.

٣- سَسُن کي کپي سونُ گهڻو، گهوٽ کي گهرجي موٽرڪار،
پر ڪنوار جي آ زندگي دوزخ بڻي، هن سنڌونگر ۾.

٤- ساهرن ۾ نه رهي سَچائي، پيڪن به مُنهن آ موڙيو،
وڃي سو وڃي ڪاڏي، نياڻي هن سنڌونگر ۾.

٥- مهاتما آهن گهڻا، ڏُرن جي ڪَمي نه ڪائي،
سَچ چوڻ وارو نه ڪوئي آهي، هن سنڌونگر ۾.

٦- ويشڻو ديويءَ جي پوڄا، ٿئي گهڻي ٿي هتي،
پر گهر جي ديويءَ جو نرادر، آهي هن نگر ۾.

٧- تَنهائيءَ ۾ جَلي ٿي جَواني ڪنوار جي،
گهوٽن لاءِ بيئر بار، ڪليل آهي هن نگر ۾.

٨- پئنچايتون آهن گهڻيون، پر فِڪُر اَٿن پروگرام ملهائڻ جو،
پر ڪورٽن جا چڪر ڪاٽين ٿيون، نياڻيون هن نگر ۾.

## جيون جو اصلي مقصد سيني ۾ پنهنجو پيار ونڊڻ آهي

اسان تي اِهو اثر پختو ڪيل هئو ته زندگي سٺي نموني گذارڻ لاءِ اسان کي فقط پنهنجو ئي سوچڻ گُهرجي. اسان کي سيکاريو ويو هو ته اسان سُک ۽ آرام جي زندگي ڪيئن گذاريون. پر ان راهه ۾ اسان پنهنجي جيون جو اصلي مقصد ئي وڃائي ڇڏيو. اهڙي وقت اسان پهريون دفعو سائينءَ سان ملڻ ڪانپوءِ سچو پيار محسوس ڪيو. ان وقت اسان خوشيءَ ۾ روئڻ، کلڻ ۽ خاموش رهڻ ٿي چاهيو. جيڏو ڏيو سان مليو. ان لاءِ ڪيترو نه ترسڻو پيو هو؛ ڪيتريون حياتيون؛ ڪيترا ڄڳ ۽ اوچتو اسان ڄاتو ته اسان کي هِين ۾ به پيار پيچائڻو آهي. اسان کي شمع وانگر هين ڏيئن ۾ به روشني ڦهلائڻي آهي؛ جيئن اِها چرنگه اگني روپ ۾ سيني کي پاڪ ڪري ۽ هرهڪ کي واٽ لائي.

Evangelia Grylloy (Greece)

# سچي حقيقت

رچيندر- راڌو .ٽي. ”دردي“ سنڌونگر

● گهر ۾ سونهين ننڍڙو ٻار، ڪورٽ ۾ سونهين تڪرار،
عورت کي سونهين گلي ۾ هار ۽ منهن تي سونهين سينگار.
● شادي ڪيل عورت کي سونهين دل گهريو پتار،
يارن کي وڻي جگري يار، عاشق کي وڻي معاشوق جو ديدار.
● غريب کي وڻي دانوير دل وارو دلبر شاهوڪار،
واپاريءَ کي رهي سدا سٺي خريدار جو انتظار.
● نہ ڪرڻ گهرجي ڪڏهن بہ ڪنهن سان تڪرار،
سچ چوڻ ۽ ٻڌڻ کان نہ ڪرڻ کپي انڪار.
● هرڪو ماڻهو آ گنهگار، اِها ڳالهہ آ آلم آسڪار،
نہ ڪرڻ کپي اهنڪار، نہ ڪرڻ کپي ڪنهن سان ويچار.
● کائڻ کپي سيني کي غم ۽ ويشنو کاڌو آهار،
ڪوڙو نہ ڪرڻ کپي پلجي ڪنهن سان بہ ڪوبہ وهنوار.
● ڪنهن کي نہ ڪرڻ کپي خوار، نہ وڃائڻ کپي نئيءَ جو چار،
تون هر روز پنهنجي هميشهہ زندگي خوشيءَ ۾ گذار.
● هردم سٺو رکڻ کپي ويچار، نہ ٿيڻ کپي ڪنهن جو قرضدار،
نڳہ ماڻهن تي نہ ڪرڻ ڪڏهن کپي اعتبار.
● ننڍڙن ٻارن کي وڏندو آ پيار، نہ ڪرڻ کپي ڪنهن کي ڌڪار،
ماڻهوءَ کي ٻڻجڻ کپي وفادار، ٿيڻ کپي ماڻهوءَ کي سچيار.
● ڪُڪُرم سان ماڻهو ٿيندو آ بيمار، پوءِ چوندو آ آهيان لاچار،
مالڪ نہ ٻڻائي شل ڪنهن کي بہ بيروزگار.
● چڏ سُستي ٿي هوشيار، ٽائيم نہ وڃاءِ پنهنجو بيڪار،
ڪم ڪرڻ لاءِ هردم رهہ تيار، غلط ماڻهوءَ جو نہ ٿي طرفدار.
● سيڪو چوي ٿو مهانگائي آيا ڌڪار، هر ڪنهن کي آ مالڪ جو آڌار،
ماڻهو سدائين خوب مسڪرائي ۽ رهي سدا باغ بهار،
’دردي‘ کي پڪ آهي تہ آخر ديا ڪندو داتار.

آئيني جي اڳيان، ڇوڪري جي پوئتان خبردار ٿجي

سٽيزن جو سنستائون شهر ۾ جدا-جدا نالن سان پنهنجي سنستا جا ميمبر
ٽائي منورنجن جا ڪي پروگرام رٿي ميمبرن کان هڪ سؤ، ٻه سؤ رپيه روڪڙا
ٽي اُنهن تي هرهڪ پٺيان ۵۰ رپيا خرچ ڪري باقي بچيل رپيا پنهنجي
يسي ۾. هرهڪ ميمبر وٽان بچيل اهڙي اُن سنستا جا هلائيندڙ ڪجهه
ڏائڻ بنان حاصل ڪرڻ، هر مهني ٻي مهني پروگرام رٿي روزگار جو طريقو
ختيار ڪري رهيا آهن. پاڻ وڏا شيواڌاري هٿڻ، ٺيڪيدار چوائڻ جون پڌرايون
ڪندا رهن ٿا. اُهي مفت جي مشهوريءَ جا شائق جي نالي ٻڌجي خوشامد جا
وڻا وڏين سنين ناميارين روٽري ڪلبن جي نالي ۾ انهن جي سايع هيٺ
لط ڪارگذارين کي همٿائي اُنهن کان مدد وٺي روٽري ڪلب لفظ کي بدنام
ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. منهنجا عمدا شهرواسي سينئر سٽيزن
ڏائڻ وارا حقيقي ڀائر ۽ ڀينرون اچو ته پنهنجي اندر جي آتما کي جاڳرت
ڪريون. وويڪ واٽيءَ جي نالي سان اهڙي هڪ گڏيل سنستا ناهي پاڻ يڪمشت
ٽجي هڪ گڏجاڻي رکي پنهنجي شهر کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪي يوجنائون ناهي
هن ٻي قاعدگين، سلسلن کي بند ڪرڻ لاءِ پورن سهڪار ڏيون. مان روٽري
ڪلبن جي نالي جي اوٽ ۾ سيني ڪارپردارن بانيڪارن کي نماٽي وينتي
ڪريان ته پنهنجو اِهو هڪ اخلاقي فرض سمجهي قدرت جو ڀئه رکي جذبا تي
ٽجي بيدار ٿيو هڪ سال اِهي سستي مشهوريءَ جا مشتاق نه ٻڌجو، نچڻ
ڻ، ڪيڪ ڪٽڻ بند ڪريو. اهو پئسو پنهنجي سنڌي سماج جي ڀلي لاءِ ڪم
يو. شهر کي وري وڏي اوُج تي پهچائڻ جا طريقا اپنايو، يوجنائون ناهيو،
بلن جي چنبي مان آزاد ٿيو. پنهنجي سنڌي سماج جو نالو روشن ڪريو.

مان سيني مؤجوده سينئر سٽيزن سنستائون گڏجي يڪمشت تي حرام
ي ڪمائيءَ کي ڇڏي حق حلال جي ڪمائي تي ڀاري قدرت جي غئبي
ڪار ملڻ تي وشواس رکي پنهنجي وويڪ کي جاڳايو. شهر کي آباد ڪرڻ
پاڻ ۾ گڏجاڻيون ڪري سرڪاري سطح تي مقرر ڪيل اسان جي ميونسپل
بس ۾ مؤجود ڪارپوريٽرن جي معرفت غلط ڪارگذارين کي بند ڪرڻ
پنهنجو اخلاقي حق چڪيندي يڪمشت ٻڌجي يوگيه سڌارا ڪريو پنهنجي
ر جو شان بلند رکو ۽ سکي رهو.

سينئر سٽيزنس اکس جو معنيٰ آهي سڌا شهرواسي. اسان پنهنجي شهر
جا ڪيو آهي، اسان جو اخلاقي فرض آهي ته پاڻ ۾ يڪمشت ٻڌجي شهر کي
ارڻ جي هر طرح ڪوشش ڪريون، شهر کي وري بلنديءَ تي پهچايون.

جيڪو به، ڪاميابي يا ناڪاميابي، خوشي يا غم، ڪنهن ڳالهه جي اثر ۾ نه ايندي، دويه مشن ۾ ڀهرو وٺي ٿو، اُهو ايشور جي مهر جو حقدار ٿيندو. — ٻا ٻا

خاص سينئر سٽيزنس Senior Citizens جي لاءِ

# سنڌونگر جا آزمودگار بهترين بزرگ شهرواسي

- نارائڻ پرسرام 'ضيا'

گهڻي دير سان لکڻو ٿو پوي ته اسان جو شهر سنڌونگر جيڪو سڄي ڀارت ۾ هر طرح هاڪارو ٿيو، اسان جي رهندڙ شهرواسين لاءِ تمام گهڻو بدنام ٿي چڪو آهي. انهيءَ لاءِ جوابدار اسين پاڻ خود شهرواسي آهيون ڇاڪاڻ ته اسان خود ڇڻ پنهنجو وويڪ وڪڻي شخصي لوڀ وَس ٿي ڀرشٽاچار کي همٿائيندا رهيا آهيون. هر طرح هر وقت ۾ سرڪاري سطح هيٺ ٿيندڙ ڪارگذارين ۾ هڪ سؤ ٽڪا رشوتخوريءَ هيٺ پنهنجي شخصي سوارٿ هيٺ هيسجي دٻجي رهيا آهيون. اسان جي شهر جي ڪارپوريشن ۾ جتي اسان سنڌين جي گهڻائي هئي اُتي پاڻ ۾ ڦوٽ فقط عهدن جي لالچ هيٺ سماج جا گهاتڪ بڻجي اُنهن غلط ڪارگذارين کي بند ڪرائڻ ۾ ڪوبه ڌيان ڪين ٿا ڏيون. هن وقت سنڌونگر ڄڻ بارود جي ڍير تي بيٺل نظر اچي رهيو آهي. اسين جتي رهون ٿا اُن شهر جو ناميا چار وڌائڻ، ڀرشٽاچار کي ڀڃڻو ڏيڻ لاءِ اسين سينير سٽيزنس سڏائيندڙن کي پنهنجي شهر سڌاري لاءِ اسان جو اخلاقي فرض سمجهڻ گهرجي. اُن جي پاڙ پٽڻ لاءِ پنهنجا متڀيد پاسيرا رکي پاڻ ۾ ايڪتا جو منتر اَپنائي هڪ خاص آندولن هيٺ عام طرح جاڳرتي آڻيندي پنهنجو اخلاقي غرض نڀائڻ گهرجي.

تنهنڪري منهنجا پيارا آزمودگار سنا سينير سٽيزنس سڏائيندڙ ڀائرو ڀينرون، سڄاڳ ٿيو، هيءُ وقت رڳو نچڻ ٽپڻ ڳائڻ وڄائڻ جنم ڏِن ملهائڻ هال ڪ سال تائين بند رکو. هن وقت ڪيترا مفت خور پنهنجا ڪيترا سنا شهرواسي اسان جي ڪمزورين جو فائدو وٺي رڳو پنهنجا شخصي سوارٿ ڄڻ هڪ روزگار جو پنهنجو شخصي پيٽ پالن جا ناجائز جدا-جدا نالن هيٺ وڃن ٿا سينير سٽيزنس سنسٿائون ناهيندا. اهڙو انڌير ڪنهن به شهر ۾ دنيا ڀر ۾ ڪٿي به توهانکي ٻڌڻ ۾ ڪين ايندو. مفت جي مشهوري ۽ ڪمائڻ جا طريقا سوالڪ ۽ ان جدا-جدا شهر مان نڪرندڙ روزانيون ۽ هفتيوار اخبارن ۾ اشتهار وڄي ... ميمبر بڻائڻ لاءِ غلط طريقا اپنائي رهيا آهن. سائين جهوليلعل جي اوٽ ۾ سنڌين جي واپاري جا ناد وڄائي رهيا آهن. ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته هينئر ٧ سينئر

... پيدا ٿيڻ ۽ ... ڪاڏهوءِ نه، اڄ ان پنهنجي انسانيت وساري ڇڏي آهي.

آکاڻي — موهن پرتياڻي

# عجيب اتفاق

آشا ۽ بادل هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهندا هئا. ٻنهي جو پاڻ ۾ اٽوٽ پريم سنٻنڌ هو. ٻنهي هڪ ئي گروءَ وٽ ڊانس ۽ ڳائڻ وديا حاصل ڪئي هئي. ٻئي اسڪول جي هر ڪاريه ۾ سنا گيت ڳائي ۽ ڊانس ذريعي ويڙهن جي دل کينچي وٺندا هئا.

ورشا سٺي اناؤنسر هئي. هن جو مذاقي سڀاءُ هو. ويڙهن مهمانن کي پنهنجن ڪڻن مٺن ٽوٽڪن ۽ ممڪريءَ ذريعي کلائي کلائي پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيندي هئي. آشا ۽ بادل هن جا سٺا دوست هئا. ٽنهي جي صلاح مصلحت سان اِسڪول جا سٺا پروگرام تيار ڪري پيش ڪيا ويندا هئا.

اِسڪول ۾ هڪ خاص پروگرام جي تياري ڪئي ويئي. جنهنجو مکيه مهمان هو شهر جو مشهور وڪيل راءِ بهادر ۽ سندس پٽ راجوُ. راءِ بهادر کي پنهنجي اولاد ڪونه هئي هن جو پاءُ ۽ ڀاڄائي ڪنهن حادثي ۾ پريوءَ کي پيارا ٿي ويا هئا. پٺيان ڇڏي ويا هڪ اڪيلو راجوُ. راءِ بهادر کيس پنهنجي پٽ کان به وڌيڪ پيار ڪري کيس پالي نپائي لائقيءَ لڳايو هو. هاڻي هوُ راءِ بهادر جي منڪيت جو اڪيلو وارث هو. جنهن کي گود ۾ وٺي پنهنجو پٽ ڪيو هو.

راجوُ نهلو ۽ هونهار نوجوان هو. هن کي شاهوڪاريءَ جو ذرو به ايمان ڪونه هو. هر ڪاريه ۾ سڀني کي سهيوگ ڏيندو هو. وس آهر غريب وديارٿين جي پڻ مدد ڪندو هو.

پروگرام ڏاڍو سٺو پيش ڪيو ويو. راجوءَ جي هٿن سان سڀني وديارٿين کي انعام ڏياريا ويا. هن آشا، بادل ۽ ورشا جي خوب ساراهه ڪئي ۽ کين پنهنجي طرفان عمدا انعام پڻ ڏنا. اڳتي لاءِ کين همٿايو. سڀني وديارٿين کي سنديش ڏنو. اڳتي وڌو. محنت ڪريو. وڌيڪ ڪان ڪم وٺو. منزل دور ڪونهي اوهين مشڪل ڪم به آسانيءَ سان ڪري پار پهچندا. سڀني تاڙين ۽ گلن سان سندس سٺو سواگت ڪيو.

ان پروگرام ڪانپوءِ اڪثر ورشا چپ ۽ شانت رهندي هئي. هن جي سڀاءَ ۾

---

**جيڪي ڪني ۾ هوندو سو پاٽ ۾ پوندو**

# ٻڍاپي ۾

- واسديو 'نرمل'

١- سيئي چون ٿا، ”تون شادي نہ ڪر، ٻڍاپي ۾“
تہ ڇا، رنڙ ئي رهان، عمر ڀر، ٻڍاپي ۾؟

٢- آ لوڪ پوڪ پلي آڪي ”اُٺ پنيان گهنڊڻي آ“،
ڪپي ٿي پاڻ کي ڪمسن گجر، ٻڍاپي ۾.

٣- ٻنا ڏندن جي مزو ڪاڏي ڪان ڪڻان ايندو؟
خدا، اسان کي ”پڏو“ ڪين ڪر، ٻڍاپي ۾.

٤- ڪا وات ويندي نظر ڪانہ ٿي اَچي سهڻي!
اَلائجي چو گهٽجي وئي آ نظر، ٻڍاپي ۾.

٥- پوي ڪا مار خدا جي، اَچن تي، جن جي ڪري،
نٽي ڏسي ڪا ڪٽي هڪ نظر، ٻڍاپي ۾.

٦- جوانڙين مان تہ مايوس ايڏو ٿيو آهيان،
ٻڍين جو هاڻ ڪٽان ٿو ٻدر، ٻڍاپي ۾.

٧- سوين سلام ڪندو هوس آفيسرن کي روز،
اُهئين ئي ڪانہ جهُڪي آ ڪمر، ٻڍاپي ۾.

٨- هڪ اَگهر جڙهيل، ٻيو ڪا پينشن بہ گهٽ ٿي ملي!
سو ”پئنٽ“ بدران ٿو پايان ”نِڪر“، ٻڍاپي ۾!

٩- گذاري عمر غزل ڳائي جنهن، اُهو ”نرمل“،
چوي ٿو ”پڳت“ وجهي، ٿيان ”ڪنور“ ٻڍاپي ۾!



ڪيل پٽرائي موجب، من دفعي ساهت اڪاڊمي ۽ جو پنجاهہ هزار انعام ڪٽندڙ شاعر، ناٽڪ ڪار واسديو نرمل جو فوٽو 'سپون' جي ڪور تي آهي ۽ سندس لکيل هيترا سارا شعر، گيت، نظم ۽ غزل....

هن کي شاهوڪاريءَ جي ڪري غلط ڪمپني ملي ويئي. پوءِ هوءَ ڪلبن ۾
ڻ لڳي. هن کي نشي جي پڻ علت لڳي ويئي. هر روز راجوءَ کي هن جون
نهون ۽ اجايا سجايا بل ڀرڻا ٿي پيا.

راجوءَ کي هڪ ڪاروبار جو بوجو، ٻيو گهر جي جوابداري انڪري ڏاڍو
جهي پيو. هڪ ڏينهن غصي ۾ آشا کي چماٽ هڻي ڪڍي. آشا جي غصي جو
رو ساتوي عرش تي پهچي ويو. راجوءَ به هن مان جان ڇڏائڻ لاءِ ڪيس طلاق
ڻ جو فيصلو ڪيو.

راجوءَ جي پيءُ جي ڪري سني واقفيت هئي. ان ڪري جلد ئي طلاق
ظور ٿي ويو. راجوءَ بدلي ۾ ڪيس هڪ ڪار، هڪ بنگلو ۽ ڪجهه رقم ڏيئي آشا
ن جان آزاد ڪرائي.

ان ڪانپوءِ راجو ۽ آشا الڳ الڳ زندگي گذارڻ لڳا. راجو هاڻي ڪاروبار ۾
ئيءَ طرح ڌيان ڏيڻ لڳو. آشا ۾ اُجان ڪا به تبديلي ڪونه آئي هئي. هن کي
ش عشرت جي علت لڳي چڪي هئي هوءَ هر روز ڪلبن ۾ جوئا ۽ نشا ڪري
هنجي زندگي گذاريندي هئي.

هڪ ڏينهن خوب نشي ۾ رات جو ڪار هلائي گهر ڏانهن ٿي موٽي ته
دس ڪار جو ڪنهن ٽرڪ سان زوردار ٽڪر ٿي پيو. ٽرڪ وارو ته ڀڄي ويو.
ن ماڻهن ڪيس اسپتال ۾ بروقت داخل ڪرايو ۽ راجوءَ کي پڻ فون ڪيو ويو.

راجو هڪ نيڪ دل انسان هو. طلاق ڪانپوءِ به هو پنهنجو فرض سمجهي
پتال پهتو. ڊاڪٽر ٽيسٽائين هن جو علاج چالو رکيو هو. راجوءَ کي ڊاڪٽرن
ايو ته هن جي هڪ ٽنگ ڪٽڻي پيئي ڇو جو هن جو زهر بدن ۾ هليو وڃي ها.
ئي هينئر اوهان اُن سان ملي سگهو ٿا. هاڻي خطرو ٽري ويو آهي.

آشا ڏاڍو شرمسار ٿي. راجوءَ ڪيس دلداري ڏني. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ آشا
، پنهنجي گهر وڃڻو پيو. جتي راجوءَ هن جي پر گهور لهڻ لاءِ هڪ به نوڪر رکي
و. پاڻ به وقت به وقت ڪيس دلداري ڏيئي هليو ويندو هو.

بادل ۽ ورشا کي آشا جي هلت تي ڏاڍو غصو آيو. پر ٻنهي پاڻ سنڀالي ورتو.
ل پنهنجي محنت ۽ اورچائيءَ سان فلم لائين ۾ ڊانس ڊئريڪٽر ٿي ڪم
رڻ لڳو. هن جون به ٽي فلمون هِٽ ويئون. جنهنڪري هن جو خوب نالو ٿي
. هن وٽ به پئسو سٺو اچي ويو هو. هنجي زندگي سٺي گذرڻ لڳي هئي.

بادل جي سڃاڻپ سان ورشا کي به ريڊيو آڪاش واڻيءَ ۾ اناؤنسر جي.

---

**وڃائي سگهيو ته به سٺو ٿيو**

وڏو ڦيرو اچي ويو هو. آشا اهو ڄاڻڻ لاءِ بي قرار هئي. هن دل ۾ سوچيو، آخر ڪهڙي ماجرا آهي جو هوءَ ائين چپ ۽ شانت ٿي رهي. هن ورشا جي دل و جان سان مدد ڪرڻ پيئي چاهي. گهڻي مغزماريءَ ڪانپوءِ هوءَ معلوم ڪري سگهي ته ورشا راجوءَ مٿان دل هاري ويٺي آهي.

آشا ڪيس دلداري ڏني. ڀيڻ، تنهنجو درد معنيٰ منهنجو درد. ان درد چڻڻ جي دوا مان توڪي ضرور ولي ڏيندس. تنهنجي اها بيماري چٽڪين ۾ ختم ڪري ڇڏيندس. هاڻي ته بس، پوءِ ٻئي ساهيڙيون خوب ٽهڪ ڏيئي کليون. پوءِ هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ جڪڙجي هڪ ٿي ويئون.

قدرت جا ڪيل نرالا آهن. سڀ ڏينهن هڪ جهڙا نه ٿا ٿين. هڪ ئي سکي جا ٻه پاسا آهن. دک ۽ سک، آس ۽ چانڻ، ڪتو ۽ منو. تقدير ڪڏهن به ڪهڙي به راند ڪري سگهي ٿي. اها ڄاڻ انسان کي ڪانه هوندي آهي. انسان سوچي هڪ ته ٿئي ٻيو ڪجهه.

عجيب اتفاق ڏسو. هڪ پروگرام ۾ آشا جي ملاقات مسٽر راجوءَ سان ٿي ويئي. راجوءُ سٺي موڊ ۾ هو. آشا کي پنهنجي ڪار ۾ گهر وٺي آيو. جتي ٻنهي هڪ ٻئي سان دل کولي خوب ڳالهايو ٻوليو.

ان ملاقات ڪانپوءِ آشا ورشا سان ڪيل واعدو ڀلجي ويئي. نينڍڻ جي پريمي بادل جو پيار وساري ڇڏيو. هن جي ذهن ۾ هڪ ئي ڳالهه ويهجي ويئي. راجوءُ ماءُ پيءُ جو سڪيلڌو اولاد آهي. امير آهي. هتي منهنجي زندگي شان شوڪت سان سٺي گذري سگهندي. ان ڪري هن راجوءَ سان ملاقات جو سلسلو زور شور سان چالو رکيو.

ڏيري ڏيري راجوءُ آشا جي محبت ۾ جڪڙجندو ويو. سندن ماتا پتا کي آشا پائنجي ويئي. ان ڪري جلدئي کين شاديءَ جي ٻنڌن ۾ جڪڙائي ڇڏيو.

هاڻي آشا بيحد خوش هئي. هن کي من چاهيو جيون ساٿي ملي ويو. هن جي زندگي عيش عشرت ۾ گذرڻ لڳي. جيون جا سڀ سک سهنج هن کي ميسر هئا. هن راجوءَ کي پنهنجي پيار جي نشي ۾ مدهوش ڪري ڇڏيو هو. هوُ هن جي اشارن تي نچندو ٽپندو هو. اوچتو ئي هن جو سس ۽ سهرو هڪ ٻئي پٺيان چالاڻو ڪري پريوءَ جي گود ۾ وڃي پهتا. هاڻيءَ راجوءَ جي مٿان ڪاروبار جي جوابداري وڌي ويئي. آشا اڪيلي هيڏي گهر ۾ تنگ ٿي پيئي. نيٺ هن راجوءَ کي ريجهائي گهر کان پير ٻاهر ڪڍيو.

---

دودو ڏوڙ چنيسر چائي هن جي ڪسر هن مان آئي

# ”سائين ڪنوررام“

ٿلھ - نر بہ رنو ٿي، ٻڍي رنو ٿي ٻار رنو،
جوڳا ماندا محب بنا سڀ هندوءَ مومن زار رنو!

۱- پٽي ڪڍيا ٿي پار پرينءَ ملڪن ٿي ماتام ڪيو،
عرش فرش تي آهون دانهون - ڪنور ڪنور ٿي عام ڪيو!

۲- ويراڳي تہ وماں ۾ ويهي ويهي - دلبر ٿي ويو دور،
ڏڏڪا پهتا دل وارن کي - ورهہ ڪيو وهلور!

۳- اکڙيون آليون اٻلائن جون - وڏوائن ورلاپ ڪيا،
نير وهائن نياڻيون نماڻيون آه پريا آلاپ ٿيا!

۴- لکن هزارن جي ڪنڌن تي - سنت جو آهي سرير،
دل سان ارٿي اچي رهي آهي دليون سيئي دلگير!

۵- دعا وني درويش ڪان خونين چوهہ مان هنئي اُن کي گولي،
گهاو سهي گولين جا تن تي - هوت ملهائي خون جي هولي!

۶- رام نام جا اکر ڪنيائين ويو ولائت وڻجارو،
سڪ جا سودا ڪري سوداگر- پرين کي پهتو پيارو!

۷- جر وارن جو جان جگر هو-”ضيا“ سنڌ سڄيءَ جو ساهہ،
گلن اندر هو تہ گل گلابي تارن ۾ هو ماهہ!

---

## سائين ڪنوررام جو پرستہ پرارٿنا جو گيت

نالي الڪہ جي ٻيڙو تار منهنجو،
نندر آهيان نماڻي - آهي آڌار تنهنجو، - نالي ڏٺي ......

۱- ڏاڍي آهي چنڊي دنيا ڏُرنگي،
بنان ڏن پنهنجي ڪونهي ڪو مائٽ ڪنهنجو - نالي ڏٺي....

۲- ڏاڍو آ ستايو دنيا جي گردش،
مٿن ءِ مائٽن ڏنو آزار اهنجو - نالي ڏٺي ....

۳- در تنهنجي جو سائل عرضدار آيل،
ڪر ٻاجھ ٻانهيءَ تي ڏي ديدار پنهنجو - نالي ڏٺي ....

---

**وچائي سگهيو تہ بہ سئو ٿيو**

نوڪري ملي ويئي. واندڪائيءَ جي وقت بادل جي پارٽيءَ سان ٻاهر ٻه وچي پروگرام پيش ڪندي هئي.

عيجب اتفاق ڏسو. هڪ دفعي بادل فلم شوٽنگ جي سلسلي ۾ مهابليشور ويو هو. ورشا ٻه ڪنهن پروگرام جي سلسلي ۾ اُتي آئي هئي. هنن ٻنهي جي ملاقات راجوءَ سان اتي ٿي ويئي. راجوءَ هنن سان ملي ڏاڍو پرسن ٿيو.

راجوُ کين پاڻ سان گڏ پنهنجي بنگلي ۾ وٺي آيو. هن اُهو بنگلو نندپڻ جي دوست ڪئلاش کي شاديءَ ۾ سوکڙيءَ طور ڏنو هو. ڪئلاش مهابليشور ۾ راجوءَ جو ڪاروبار سنڀاليندو هو. راجو مهني ۾ هڪ ٻه دفعو ڪاروبار جي سلسلي ۾ نظرداري ڪرڻ ايندو هو. گهر پهچڻ سان ٽنهي رات جي ماني گڏجي کاڌي.

هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون نڪتيون. پوءِ راجوءَ آشا جي باري ۾ دکه پريو داستان کين ٻڌايو. ٻڌائيندي ٻڌائيندي راجوءَ جي اکين مان پيار جا آنسون ٽپ ٽپ ڪري وهڻ لڳا. ٻنهي کيس آٿت ڏياري کيس چپ ڪرايو. ٻنهي کيس چيو، ”راجو، اهو هڪ عجيب اتفاق ئي چئبو. پريوءَ جي ليلا نرالي آهي. هن جو اَنتُ ڪوئي نه ٿو ڄاڻي سگهي. قدرت کي الائي ڇا منظور آهي. جو پل ۾ ڇا مان ڇا ٿي ڪري ڇڏي. ڪنهن کي ڪنهن سان ٿي ملائي ته ڪنهن کي ڪنهن کان جدائي ٿي ڏياري ڇڏي.“

پوءِ بادل ۽ ورشا ٻه کيس آشا جي وشيه ۾ شروع کان اَنت تائين ڪهاڻي ٻڌائي. ان کان پوءِ ٽيئي ڄڻا خوب کليا. ۽ سڀني گڏجي چيو، ”واهه ڀائي واهه! اهو ته عجيب اتفاق ئي چئبو. توهان جي قربانيءَ مان ٻه هڪ وڏو سبق سکيس. ڇو جو مان ائين سمجهندو هوس ته اِها درد ڀري گهٽنا صرف مونسان ٿي آهي. پر ائين ڪونهي. هرڪو ڪنهن نه ڪنهن گهٽنا جو گهايل ٿيل آهي.

ايتري ۾ ڏهن ٻارهن سالن جي سندر ٻالڪا ڪمري ۾ اندر آئي ۽ راجوءَ جي گود ۾ اچي ويهي رهي. ٿوري دير هيڏانهن هوڏانهن نهاري راجوءَ کان پڇائين، ”پاپا، هيءَ ڪير آهن؟“ راجوءَ کلندي کيس جواب ڏنو. ”پنڪي بيٽا، هيءُ منهنجا دوست آهن. اوچتو هنن سان ملاقات ٿي ويئي کين هتي وٺي آيس.“ پوءِ پنڪيءَ ٻنهي سان نمستي ڪئي. کين کلي کيڪاريو.

ٿوري دير لاءِ بادل ۽ ورشا وائڙن جيان راجوءَ جو منهن ڏسڻ لڳا. هن جي منهن تي عجيب مشڪ هئي. ڀائي اوهان پڇندا ته هن بيبيءَ جو هن فلم ۾ رول ته ڪونه هو پوءِ هيءَ اوچتو ڪٿان پرگهٽ ٿي.

---

**وهندي درياءُ ۾ هٿ ڌئڻ گهرجي.**

پرچار سڀا جي سرپرستي هيٺ هيل تائين سندن ٦٢ پروگرام ٿي گذريا آهن جتي سندس ڪيل شيوا ۽ لگن لاءِ خوب داد ڏيندي ڪيس بهترين لائيف اچيومينٽ آوارڊ ڪيٽرين سنسٽائن پڻ ڏيڻ لاءِ ڪيس پيڪيدار عزت ۽ شان ڀريا پروگرام ڪرڻ جون پڌرايون ٿي چڪيون آهن ۽ سيني پروگرامن ۾ ڪيس خوب عزت ۽ سؤمان ڀريا نظريا حاصل ٿيا آهن. اسانکي فخر آهي اسان جي سنڌونگرواسي لاءِ ايتري عزت ڀريا سنمان هئي ڪنهن جا ڪين ٿيا آهن. ١٥ مارچ ٢٠٠٩ تي مست صاحب جي جنم ڏڻ هئڻ جي اُپلڪش ۾ روٽري ڪلب ايسٽ جي ساۓ هيٺ ڪلب جي هال ۾ ٿي گذريو جتي مشاعري جو پڻ ننڍو پروگرام رٿيل هو. شهر جا، ممبئي ۽ پوني مان آيل شاعرن خوب بحرو وٺي داد حاصل ڪيو. جنهن لاءِ اسانکي بيحد گهڻي خوشي آهي. ضيا پريوار طرفان اسين ڪيس بيشمار مبارڪون ٿا ڏيون ۽ پربوءِ در آراڌنا ٿا ڪريون تہ هن پياري جي سٺي صحت ۽ سنڌيت لاءِ لگن پيار قائم رهي، وڏي آورجا ماڻيندي اچان وڌيڪ سنڌيت جي جوت جاڳرت رکڻ لاءِ ڪاريہ ڪندي اچان وڌيڪ جس جو ڀاڱي بڻجي. مونکي ڏسندي خوشي ٿي جو هڪ متر سندس هن نموني جي بڻنڪن جي ڪاميابيءَ لاءِ تيج پئسن جي پيٽ ڏني جيڪا هن ونڻ لاءِ صاف إنڪار ڪندي چيو تہ اسان پنهنجي ڪاريہ لاءِ هن نموني مدد ڪونہ وٺندا آهيون. جتي چاهہَ آهي اُتي راهہَ آهي. اسان جو قدرت جي قائنات ۾ وشواس آهي. اسان کي گهربل مدد غئبي ريت پهچي ويندي آهي. اُميد تہ سندس هم خيالي ساٿي سندس نقش قدم ڪاريہ ڪندي جَس حاصل ڪندا رهندا. اُهو مونکي وشواس آهي.

مونکي بيحد گهڻي خوشي آهي جو منهنجو پٽ دليپ ضيا ساڻس گڏجي ڀاڱي جو ساٿ ڏيئي ڪاريہ ڪندو رهڻ جو اڌڪاري بڻيو آهي. مست صاحب بهترين ناميارو پختو شاعر آهي. ڪنهن بہ ڪاريہ ۾ ڪيس مليل قدرتي ڏات جي آڌار تي ڪم ڪندڙن کي جهڪي سگهندو آهي. ڪيس مليل ڪاميابي، سنمان جو هو صاحب حقدار آهي. اسان جون شڀ ڪامنائون هن پياري لاءِ هميشه قائم رهنديون. هو هڪ محڪم إرادي وارو خانداني پريوار جو باني آهي. ڪيس رام پنجواڻيءَ وانگر ڀارت جي راشٽرپتيءَ طرفان ”پدم شري“ خطاب جلد ڏيڻ جي پڌرائي ٿيڻ گهرجي.

- ناراڻ پرسرام ضيا

---

ڀي جو محل ڏسي پنهنجي پونگي نہ ڍاهجي.


# سنڌيت جو شيدائي مهان ساهتيڪار نشڪام ڪاريه ڪرتا قربدار شري ٽيڪچند ريواڻي ”مست“!



هن پياري سان منهنجي واقفيت ١٩٥٨ سال ۾ ٿي جڏهن هيءُ پيارو آکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا لاءِ شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ شروع ٿيل هئي جنهن جي هن خوب شيوا ڪندي سيڪريٽري جنرل جو پد حاصل ڪيو هو ۽ سڀا جي طرفان هڪ ممبئي اجلاس جو پروگرام رٿيل هو ۽ اُن سڀا جي طرفان هڪ ڏينهن اُلهاسنگر ۾ پڻ پروگرام سميلن جو رٿيل هو جنهن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورو ڪم منهنجي پتا سرڳواسي پرسرام ضيا جي سپرد ڪيل هو جنهن ۾ ’مست‘ صاحب پڻ پورن ڀرو ورتو هو ۽ اوچتو منهنجي پيءُ جي پرلوڪ پڌارجڻ سبب سڄو ڪاريه ’مست‘ صاحب کي سونپيو ويو جيڪو هر طرح ڪامياب رهيو هو. ڪجهه سالن بعد مون پوچ پتا صاحب جي ورسي ملهائڻ لاءِ سڀا طرفان هئڻ گهرجي ڳالهه مست صاحب جي ڌيان تي آندي، جيڪا هن صاحب يڪدم قبولي هڪ شاندار پروگرام سنڌونگر ۾ شيوا نڪيتن اسپتال هال ۾ ملهايو ويو. جتي سڀا طرفان سڀ ميمبر ڀائر ۽ سنڌن ڪاريه ڪرتا شري ڪيرت ٻاٻاڻي، شري موتيلعل ٻٽاڻي، جڄ صاحب ۽ ٻين دلچسپ ڀرو ورتي رٿيل پروگرام پورن ڪاميابيءَ سان ٿي گذريو. اُن بعد مونکي ياد آهي ته شايد ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ سڀا جي ٻين ميمبرن سان ’مست‘ صاحب ساڳئي خيال نه ملڻ ڪري هن صاحب سيڪريٽري پد تان استعفا ڏيئي جدا ساڳئي نالي فقط پرچار اکر وڌيڪ آڻڻ سان سنسٿا جو پايو وجهندي جدا ساهتيڪ شيوا ڪرڻ لاءِ همٿ سان ڪاريه ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو اڄ سوڌو سنڌس رهنمائي هيٺ هلي رهيو آهي. جنهن جي سهاري ڪافي عرصي کان نشڪام شيوا جي روپ ۾ بيحد ڪاميابيءَ سان اُن سنسٿا جو ڪيل سنڪلپ چالو آهي. سنڌن نرالي رنگ ۾ ڀارت جي جدا-جدا شهرن ۾ سنڌيت جي جوت جاڳرت رکڻ لاءِ هو صاحب پنهنجي هم خيالي ساٿين سان سميلن جي روپ ۾ پروگرام رٿي هن خوب ڀاڳ پتوڙيو آهي. جنهن لاءِ هن صاحب بيحد گهڻي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. جنهن جي مدنظر مست صاحب جاڳرتي آڻڻ لاءِ شاندار پروگرام ڪرڻ جو هن جڳ پايو وجهندي پورن سڦلتا پاتي آهي. هن مهل تائين سنڌن جدا-جدا شهرن ۾ رٿي اُن شهر جي ساهتيڪ سرگرمين ۾ ڀرو وٺي پروگرام رٿي شاندار ساهتڪ گڏجاڻين جو جذبو شروع ڪيو آهي.

**جيڪي ڪني ۾ هوندو سو ٻاٽ ۾ پوندو**

ورلڊ چئمپين پدم شري پنڪج آڏواڻي




دنيا ڀر جي بليئرڊ رانديگرن کي جيتيندڙ

# ورلڊ چمپئن پنڪج آڏواڻي

اسانکي بيحد گهڻي خوشي ٿي رهي آهي جو اسان جي سنڌي نوجوان ٢٣ سالن جو پيارو پنڪج آڏواڻي دنيا ۾ جي بليئرڊ سڀني ملڪن کي جيتي پهريون نمبر اچڻ تي ورلڊ چمپئن جو پد کيو آهي، جنهن لاءِ اسان جي سنڌي جاتيءَ کي فخر آهي ۽ ناز آهي اسان جي سماج جو نالو روشن کيو آهي. هن کي ايڏي مهانتا ملڻ تي سرڪار جي راشٽرپتيءَ کيس اهڙي مهان ڪاميابيءَ لاءِ کيس پدم شري لقب ڏيئي نوازيو آهي. کيس اسان جون بيشمار واڌايون مبارڪون اسان جي سنڌي سماج جو هيرو بڻجي تمام گهڻي عزت ۽ شان وڌايو هيءُ پيارو پريوار سان بئنگلور ۾ رهندو آهي. هن جي پوري پريوار جي اهڙي ڪاميابيءَ لاءِ مبارڪون تا ڏيون ۽ پريوءَ در پرارٿنا تا ڪريون جذبو بلند رکي اجان وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪندي جَس جو ڀاڳي سندس سالم صحت وڏي آورجا بخشي اجان وڌيڪ ڪاميابيون حاصل رهڻ جو آڌڪاري بڻجي. (حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ انگريزيءَ ۾ ''سنڌي رتن'' جي آڌار تي مٿيون اَحوال آهي. ڌنيواد.)

تنهن کان سواءِ بين ڪيترين سنستائن طرفان ڪيترن ساهتيڪارن ليکڪن کي سندن ڪاميابين لاءِ اوچ پدوي ۽ انعام ڏيئي پدرايون ٿي چڪيون آهن. انهن مان ڪن جا هيٺيان نالا قابلي داد اسين انهن سڀني کي دلي واڌايون تا ڏيون. سندن جيون ۽ شخصيت مختصر جاڻ اسان ايندڙ انڪ ٣٢ ۾ شايع ڪنداسين جيڪو جُون مهني ۾ شايع ٿيندو. ليکڪ شاعر پنهنجون رچنائون ۽ رايا موڪلڻ جي ڪن. ڊاڪٽر شري اَرجن سڪايل، ڊاڪٽر شري ديال آشا، شري شيوڪاڻي، شري نند هندوجا. پيارو چيتانند لعلواڻي، دادا شري ٺاڪ چاولا، شري ٽيڪچند ريواڻي ''مست'' ۽ ٻيا...

ڪيتريون ئي رچنائون، ڪتاب، رسالا، مئگيزنس پهتل آهن انڪ ۾ سمالوچنا ۽ رايا لکنداسين.

**هيءُ پڇائڻ (ماءُ جو بار ڪي پالڻ هيءُ پڇائڻ برابر**

لال جا جهاتي چئو سيئي جهولي لال




”شيا چيتي چنڊ جون سيني کي بيشمار واڌايون“